# پنهنجي ڌرتي

(ڪهاڻيون)

## عباس ڪوريجو

www.abbaskorejo.com
abbaskorejo@yahoo.com
0092-300-3434235

# ستاءُ

## پنهنجي پاران هوءَ مان ۽ ڌرتي

# ڪهاڻيون

ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها!

محبوبہ جي موبائيل

چيني جي عظيم ديوار

صحرا جا خواب

پنهنجي ڌرتي

ڪير وارو

ڪِرڙي سِرَ

چٻرو

بي رنگ انڊلٺ

تيرهون مهينو

# ھوءَ ماڻ ۽ ڌرتي

## عباس ڪوريجو

جڏھن زندگيءَ تي سوچيو ھئم، تڏھن ڌرتيءَ جو درد اڳيان آيو ھو. ھوءَ اڪثر ياد ايندي ھئي ۽ من جي مرڪ چپن تي اچي بس ڪندي ھئي
ٻار ھئاسين پر يار ھئاسين سدائين اھو غم تہ ڪيئن ۽ ڪاٿي ھوندي؟
راند ۽ آوارگي جڻ وسري وئي ھئي، بس سدائين ان جي تات رھندي ھئي.
اوچتو خبر ملي تہ ھو ڏورانھين ڏيھ وڃي رھيا آھن.
خبر ناھي ڇو ڇڇي پيو ھوس، گھر جي ڪنڊ ۾ ويھي رنو ھوس.
ھو لڏيون ھليا ويا پر ھي من ان پريت کي نہ وساري سگھيو، ھو منھنجو محبوب ۽ زندگي ھو، ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ وس ڪيا ھئم پر ناڪام.
ڪجھ ساڃاھ پئي تہ پڙھڻ لڳو ھوس زندگي کي.
زندگي ڇا آھي؟
محبت ڇا آھي، ڇو ٿيندي آھي؟
مذھب ڇا آھي؟
وقت ڇا آھي؟
نصيب ڇا آھي؟
عشق ڇا آھي؟
انھن سوالن جا جواب ڳوليندي ڌرتيءَ جي لفظ تي بيٺو ھوس، ڌرتيءَ جو درد پنھنجي درد کان وڌو محسوس ٿيو ھوم.
مذھبن جي ورچ کان نابري واريندي لکيو ھو:

**چو ڇڏي ويئو!؟؟**
**سنڌي ياڻر........!**
**ڌرم جي ڪرپا خاطر؟؟؟**
**ننگ بہ ننگا ھا چڻ**
**انگ بہ ننگا ھا چڻ**

ائين تڪايو تنبن ۾
رڍون هون جڻ واڙي ۾
ايمان سڙي ويا ڪاڙهي ۾
دين ڌرم جي نالي تي
سنڌ لُٽي آ هنن سدائين
رکي مذهب جي چاپي
قوم جي تالي تي
ايمان ڏسو
پوءِ انسان ڏسو
جيڪو چئي پيو
دين پائيءَ کي
”پاڪستان آگي هي.“
سنڌ ڇڏي وئين
سنڌي پائر!!!
ڇا ڇڏي هئي؟
راجا ڏاهر؟؟؟
مهراڻ جي ڇولين
لاءِ تو تڙپين
مٺڙي لولين
لاءِ تو تڙپين
سنڌي ٻولي ڪيئن هئي؟
ٻچڙن سياڻ جو پڇيئي
مذهب جو
ڪهڙو تن کي ڪتاب ڏيندين!؟
ڪهڙو تن کي جواب ڏيندين؟
ڪهڙو تن کي جواب ڏيندين؟

**اهو سوال مون پاڻ کان ڪيو هو پوءِ لکيو هو.**
**بس پوءِ لک لکان هئي چا چا لکيو ؟ چاتي چاتي لکيو؟ بس لکيو.........**
**ڪهاڻي وڻندي آهي ، بهتر محسوس ٿيندو آهي اظهار خيال ڪرڻ.**
**جيڪو ڪجهه لکيو آهي اوهان جي اڳيان آهي، اوهان جي خوبصورت راين سان دل وندري ته هي وندر اجا پيي مزو ڏيندي.**
**هي تخليقون منهنجي داخلي ۽ خارجي اثرات جو اوڀر آهن.**
**مان ڌرتيءَ جو قرضي آهيان جو اجا ان جي هنج جو هڪڙو قرض به لاهي ناهيان سگهيو، ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ اجآ وات تي آهيان.**
**دعا ڪريو ته ڪو عملي ڪم ڪري ڌرتيءَ جي اڳيان سرخرو ٿيان ۽ فخر ڪريان ته اي ڌرتي مان نڌڻڪو ٽي نه مئو آهيان.**
**اوهان جي راين جي اوسيئڙي ۾......................... اوهان جو پنهنجو ڪهاڻيڪار.**

# ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها!

ڪاش ! مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته انهن سپني ڪردارن تي ڪهاڻيون لکان ها، جيڪي منهنجي اڳيان ڪهاڻيءَ ڪي وکيريندا رهيا آهن.سياڻن سچ چيو آهي ته کک هينان لک آهي پر ان لک پنيان لک ڪهاڻيون آهن ، ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته انهن سپني ڪردارن تي ڪهاڻيون لکان ها ، جيڪي مون اڳيان تڙپيا آهن ،معمو رهيا آهن ۽ مرڪيا آهن.مان ڪهاڻيڪارن ڪي استدعا ٿو ڪريان ته انهن ڪردارن تي ڪهاڻيون لکن جن وٽ اڪيچار ڪهاڻيون آهن.

مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته لعلڻ تي ڪهاڻي لکان ها، لعلڻ ٽنگن کان معذور فقير آهي، گرميءَ جي مند ۾ ڪنهن پٽ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهندو، سردين ۾ جتي دل چوندس اتي ويهي

رهندو، پراڻي ۽ ميري گوڏ ۽ ڪاري قميص پاتل هوندي اٿس،جنهن جي آڏو واري کيسي ۾ ڳاڙهو ڏاڳو ٻيڙين جي پڙي ، خالي ۽ ڀريل ماچيس ۽ چار پنج سگريٽ پيل هوندا اٿس، ڄائي ڄم کان معذور هجڻ ڪري ڳالهائي به ناهي سگهندو، بس ڪڏهن ڪڏهن ”الله“ پيو جهونگاريندو آهي . ٻيڙيءَ جو ڪش هڻندو ته دونهون ڪفن ٻڌجي هن جي منهن جي چوڌاري پکڙجي ويندو آهي، سدائين ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم رهندو آهي، ڪڏهن کِليو ته سڄو ڏينهن کِلندو ۽ ٿهڪ ڏيندو رهندو ۽ ڪڏهن رنو ته سڄو ڏينهن روئندو رهندو ماني پي نه کائيندو.هن جي اکين مان ڳوڙها نه وهندا آهن هن جي اکين مان حسرتون وهنديون آهن.

مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته ان پنهنجي مشڪي رنگ جي ڳوٺائي تي به ڪهاڻي لکان ها جنهن کي اداڪاري جي شوق ڪراچي پهچايو.

”ڪراچي تمام وڏو شهر آهي“مون کيس ڪراچي وڃڻ کان اڳ چيو هو.

”ڪراچي ڪيڏو به وڏو شهر چو نه هجي پر منهنجي دل جي شهر کان ننڍو هوندو“هن چيو هو.

ٽن سالن تائين هو ڪراچيءَ ۾ هو، هڪ گرم ڏينهن ۾ هو ڳوٺ موٽيو هو، گهٽيءَ ۾ مليو، پگهر ۾ ڄم هو، مونکي ڏسي روئي پيوهو

”ڏي خبر ، ڪراچي آهي نه وڏو شهر ؟!“

ڊنيڪر ڏئي روئي پيو، روئندي روئندي چيائين:

”ڪراچي تمام ننڍو شهر آهي، دل جو شهر تمام آهي“

”پوءِ روئين چو پيو؟! “

”يار ! ڪراچي تمام ننڍو شهر آهي دل جو شهر تمام وڏو آهي، جتي سوين ڪراچيون آباد ٿي سگهن ٿيون پر جڏهن اتي مطلب جا شهر آباد ٿين ٿا ته خلوص جي جهوپڙيءَ لاءِ به جڳهه نٿي بچي.“

مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته ان چاليهه سالن جي بي اولاد پاڙيسرڻ تي به ڪهاڻي لکان ها جيڪا دري کولي پنهنجي پاڙي جي ان گهر ۾ ڏسندي رهندي آهي ، جنهن ۾ رهندڙ ڏهن انگ اگهاڙن ٻارن کي سندن ماءُ ٻهارو ڪٽي ٻڪائيندي وتندي آهي

هوءَ پنهنجي خالي جهولي ڏسي ڪيترو تڙپندي هوندي ، اهو اندازو ڪو ڪهاڻيڪار ئي لڳائي سگهي ٿو، انهن احساسن کي لفظن جو روپ ڪو ڪهاڻيڪار ئي ڏئي سگهي ٿو

مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته ان ايم اي پاس ٻڪرار تي به ڪهاڻي لکان ها ، جيڪو بيورو ڪريٽ ٿيڻ جا خواب ڪٽي نڪتو هو ۽ فقط ڪريڪ ئي ٿي سگهيو هو.پٽس هڪ ڏينهن چيو هئس

”پئسا ڏئي پندرهين سورهين جماعت تائين پڙهايو اٿمانءِ، هاڻي ان ماڻهين سرڪار کي چئو ته نوڪري ڏيئي نه! ڳاڙين ۽ بنگلن جا خواب ڏٺا هيئي ، پيڳل سائيڪل به اٿئي گهر ۾ ؟!“
”بابا! نيٺ هڪ ڏينهن ته خواب پورا ٿيندا!“
”چورا! مون وٽ ايترا پئسا ناهن جو اجا تنهنجا خرچ ڪٽان، گهر ۾ ٻڪريون بينيون اٿئي ، سياڻي چارڻ لاءِ ڪاهي وڃجان!“
ٻئي ڏينهن ڻاڪ منجهند جو منڊڪائيندو ٻڪريون ڪاهي اچي رهيو هو ، پڇيومانس ته ٻڌائيئين ته ڪندو لڳوهئس.
”ڪندن کي ڪهڙي خبر ته هي ٻڪرار ايم اي پاس آهي.“طنزيه ٿي چيو هيو مانس، هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو، اڄ به نوڪريءَ جي انتظار ۾ جهنگ جي ڪندن سان مهاڏو اٽڪايندو اچي پر ڪنهن پٽيوالو ڪري رکڻ جي به حامي ڪونه پري اٿس.
مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته ان چوڪري تي به ضرور ڪهاڻي لکان ها، جنهن کي آرمي ۾ وڃڻ جو جنون هئو، پنهنجي قميص کي شلوار ۾ اندر وجهي پيو بل ٽپا ڏي ٽريننگ ڪندو هو.آرمي ۾ ريڪروٽ ڀرتي ٿي ويو، محنت ڪيائين لاس نائيڪ پوءِ نائيڪ ٿي ويو، بارڊر تي جهڙپن ۾ وڙهيو، سياهه چين تي هڪ سال جي ڊيوٽي به ڏئي آيو. خواهش هئس ته هيلي ڪاپٽر تي چڙهي ڳوٺ اچي ۽ ڳوٺ وارن جي عزت وڌائي نيٺ هڪ ڏينهن هن جي خواهش پوري ٿي وئي ، هو هڪ نه پر ٻن هيلي ڪاپٽرن ذريعي ڳوٺ پهتو هو پر هو ان دفعي ڳوٺ کي پنهنجي اکين سان ڏسي نه سگهيو هو، هو ڪارگل تي وڙهندي شهيد ٿي ويو هو ، سندس فوجي ڪيس دفنائڻ لاءِ ڪٽي آيا هئا.
مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته ان پوڙهي اديب تي به ڪهاڻي لکان ها ، جنهن ساري ڄمار ڪتابن جي پنن کي اٿلائيندي گذاري ڇڏي ، ڪتابن جا انبار گڏ ڪيائين ،ڪتابن جي اکرن ۾ نظر گم ڪري ڇڏيا.ين ، ڏهاڪو ڪتاب پنهنجا به لکيائين ، معاشي مسئلن جي ڪري ڇپرائي به نه سگهيو.
هاڻي سندس اکين عادتون ساڳيون آهن پر نظر ڪجهه به نه ايندو اٿس .
هڪ ڏينهن ڪينجهر جي ڪپ تي ويهي ڪينجهر کي چيو هئائين ،”اکيون ته ساڳيون آهن پر اها ديد هاڻي ڪونهي!!“
ڪاش مان ڪهاڻيڪار هجان ها ته انهن سيني ۾ اهڙن ٻين انيڪ ڪردارن تي ڪهاڻيون لکان ها
جن جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيون آهن.

ڪھاڻي لکڻ لاءِ ھڪ ڪردار پروفيسر جي ان ڏيءُ جو بہ آھي، جيڪا پنھنجي پيءُ ڪي اھو احساس ڏياريندي رھي تہ ھوءَ سندس ڏيءُ نہ پر پٽ آھي، چوتہ پروفيسر ڪي پٽ جو اولاد نہ ھو

ھوءَ سدائين مرداڻي انداز ۾ رھي ، پينٽ شرٽ، جينز پائيندي وار بہ مرداڻي انداز جا رکائيندي، ڳالھائڻ جو انداز بہ مرداڻو ٻڌائيندي ھن جو ننڍپڻ گذريو.

جڏھن بہ پيءُ سان ملندي تہ ھڪ جوان پٽ وانگر ، ڪچھري ڪندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گم ٿي ويندا، ننڍ ايندس تہ پيءُ کي چوندي :

”بابا ! مان ھاڻي ھلان ٿو.“

”چڱو پٽ تون ھاڻي وڃي آرام ڪر.“

ڪيترا ئي رشتا آيا پر ھن پيءُ سان انڪار ڪري ڇڏيو ،”بابا ! مان شادي نہ ڪندسُ! “

”پٽ ! شادي تہ ھر عورت يا مرد ڪي ڪرڻي ھوندي آھي.“

” بابا ! قلندرن تہ شادي ڪونہ ڪئي ھئي، مان بہ قلندري رمز جو علمبردار ٿيندسُ“

” پٽ ! قلندر ۽ عام ماڻھو ۾ فرق ھوندو آھي.“

ھن نہ مڃيو ھو ۽ پروفيسر ڪجھ وقت لاءِ خاموش ٿي ويو ھو.

ھڪ رات جڏھن پروفيسر تعليم جي سيمينار ۾ شريڪ ھو ۽ رات جو دير سان ورڻو ھو، پاڙي جا اوباش ڇوڪرا ھن جي گھر ۾ ڪاھي پيا ھئا ۽ اجتماعي طرح ھن ڪي عورت ٻڻائي ڇڏيو ھئائون

جڏھن مٿيان سڀ ڪردار مون آڏو ڪلندا ، روئندا ۽ معمو ٻڻجندا آھن تہ منھنجي دل مان ٽڏو ڇوڪارو نڪرندو آھي تہ:

”ڪاش ! مان ڪھاڻيڪار ھجان ھا .“

# محبوب جي موبائيل

ھوءَ اندر چانھہ ٺاھڻ وڃي ٿي.

ھو اچوڪي ڪيل فون ڪال ياد ڪري ٿو،

”اڄ اچان!؟“
” ها، پلي جان، هليو اچ!“
” پڌ!منهنجون ڪمهليون ڪالون ڪڪ ته نه ڪنديون اتئي!؟“
” هاڻي عادي ٿي وئي آهيان، گهڻا ئي پونڪندا رهندا آهن.“
هن جي نظر سامهون ٽيبل تي پيل موبائيل تي پوي ٿي. محبوبه جي موبائيل تي نظر پوندي ئي خوش ٿيندي ڪٽي تو.
” منهنجو نمبر الائي ڪهڙي نالي سان save ڪيو هوندئين!؟ ........ محبوب!.................. نه نه .......... پرين پيارو!...........نه نه .......... مننار................ جانب...............يا دلبر!.......... ها، پر نه نه ............ چگو مس ڪال ڏئي ڏسان تو.
هو هُن جي نمبر تي ڪال ڪري تو،
موبائيل جي اسڪرين تي لکجي اچي تو:
Kutto # 6
Calling......
ڪتو نمبر 6
ڪالنگ .......

# چيني جي عظيم ديوار

مهينو ڪن مس ٿيو هوندو جو چينو لڏي اچي منهنجي پاڙي ۾ وينو هو،ماڻهو صفا دلبر آهي، پاڙي جي هرهڪ ننڍي وڏي سان ٺهڪ ٻتاڪ اتس،ٻارن ۾ بيهندو ته صفا ڄڻ ڪو ٻار،وڏن ۾ ويهي ته وڏو. ڳالهين ٻڌائڻ جو ڳهير آهي باقي ٻڌڻ واري شعبي ۾ نل آهي،هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي ڪن ڪان ڪڍي ڇڏيندو آهي،ڳالهيون ٻڌائي ٻڌائي ڪيترائي راز به ٻڌائي ويندو،ڪجهه هجائتي ”پگل پاندارو“ به سڏيندا اتس، جيئن ته پگل پانداري مان آسانيءَ سان سانڍي رکيل موڙي ڪڍي سگهجي ٿي ،تيئن چيني جي دل جا راز به ٻڌي سگهجن ٿا.ڪڏهن ڪڏهن ته ڪپڙي جي ٿان جيان ويندو کلندوءِ جيئن ايندس ويندو چوندو.هڪ دفعي ته پنهنجي ڏاڏي ڪي به نه بخشيائين:
”منهنجو ڏاڏو به باگڙياڻي پجائي آيو هو،مسلمان ته ڪيو هئائينس پرنڪاهه جي پڪ نتو ڏئي سگهان.“

چينو"ڇڙا ڊپارٽمينٽ" جو ماڻهو آهيپر ڪجهه وقت اڳ "سگهرا ويلفيئر ايسوسيئيشن" ۾ ميمبر شپ لاءِ فارم جمع ڪرايو هئائين،منهنجو مطلب آ ته مڱٽي ڪئي هئائين!

ها سو ڳالهه پئي هلي چيني جي لڏي اچڻ جي، چيني کي منهنجي پاڙي ۾ جيڪو گهر مليوهو سو ته پڪ سري هو پر ڪمپائونڊ وال ڪچي ۽ موئن جي دڙي جيان ڊهندڙ پئي لڳي. هن کي ڏاڏي اڻ تڻ لڳل هئي ته هو اها پت پڪي ڪرائي ڇڏي جيئن هو ۽ سندس باگڙياڻي ڏاڏي پنهنجي ملڪيت سميت محفوظ ٿي وڃن. سندن ملڪيت هڪ مينهن ، ها پيتي، ٻه ڪتون ، ٽي دلا ۽ مٽ ، بسترن ۽ ٿانون تي مشتمل آهي.پيتيءَ ۾ چيني جي ڏاڏي جي حياتيءَ ۾ گڏ ڪيل ملڪيت هئي ، جيڪا هن لڏي ويل واٽين جي زمينن تي قبضا ڪري حاصل ڪئي هئي. چينو ۽ سندس ڏاڏي ان ملڪيت جا مالڪ هئا، جو ته چيني جا ماءُ پيءُ زلزلو اچڻ ڪري سندن پراڻي جڳهه جي ڪرڻ سبب هينان اچي مري ويا هئا، چينو ٻاهر ڪرڪيٽ کيڏڻ ويو هوءِ سندس ڏاڏي صحن ۾ ويٺي ڪچيءَ جي پنن مان نئون ٽڏو تيار ڪري رهي هئي، چيني جو ڏاڏو اڳواٽ ئي قبر ۾ پيل هو.

چيني ۽ سندس ڏاڏي کي مزو بلڪل نه آيو ، تنهن ڪري اتان لڏي اچي منهنجي پاڙي ۾ وينا هئا.

چينو خوش مزاج آهي، جيسين مون پرکيو آهي ته گهري ۽ وسيع سوچ رکندڙ آهي، هڪ ڏينهن رستي ۾ مليو ان ڏينهن جوءِ جو رهزن ڏاڙيل پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هو.مونکي چيو هئائين :

" ماستر! ماڻهو دبدبو ۽ رعب ويهارڻ لاءِ ڪيڏا ٻه خون چوته ڪن پر جي رب عزت نٺورڪي ته وڏن وڏن رهزنن جو اولاد ٻه "پنج منٽ" پوئتي ٿي پئي ٿو پر جي رب عزت رکي ته هوءَ جهنگ ۾ مال چاريندڙ شمونءَ جي ڌيءُ ٻه صاف اٿئي!"

هڪ ڏينهن تمام تيز بارش وٺي ۽ بارش ۾ چيني جي گهر جي موئن جي دڙي جيان جهريل ڪمپائونڊ وال هڪ هنڌان ڪري پئي، بارش وسي دنگ ڪيو ته هو مون وٽ اسڪول ۾ آيو ، مان پنجين ڪلاس جي شاگردن کي سبق ٻارهون "آفريڪا جا عجائبات" پڙهائي رهيو هئس ۽ عجائبات مان ڦري ليڪچر دنيا جا عجوبا ۽ تنهن بعد " چين جي عظيم ديوار" تي اچي بيٺو هوس، مون شاگردن کي ٻڌايو پئي:

" چين جي ماڻهن ٻاهرين جابرن جي حملن کان بچڻ خاطر ناهيل ننڍين ننڍين ديوارن کي پاڻ ۾ ڳنڍي اها عظيم ديوار ناهي ، جيڪا چين جي "شن" گهراڻي جي حاڪم "شهه هوانگ

تي“ جي دور ۾ نهي، اها ديوار 25 فٽ اوچي آهي، جنهن ڪري چين جا ماڻهو هميشہ لاءِ ٻاهرين حملن کان بچي ويا.“

چينو ڊيسڪ تي ويٺو منهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هو، ايتري ۾ رسيس جو گهنڊ وڳو ٻار اسڪول کان ٻاهر نڪري ويا. چينو منهنجي پرسان سري آيو.

”ماستر! چين جا ماڻهو صفا ٻاهرين حملن کان بچي ويا هئا؟“

”ها چينا! هو نہ فقط ٻاهرين حملن کان بچي ويا هئا پر انهن پنهنجي ثقافت بہ جوڙي ورتي هئي“

”ماستر! اڄوڪي برسات ۾ منهنجي گهر جي ٻاهرين ڀت بہ ڪري پئي آهي.“

”تہ پوءِ ٻي ڀت ٺهرائي وٺ! “

”ڀت نہ ماستر! اگر چين جا ماڻهو ”چين جي عظيم ديوار“ ناهي سگهن ٿا تہ هي چينو بہ ”چيني جي عظيم ديوار “ ٺهرائيندو.“

ٻئي ڏينهن اسڪول ايندي مون گهٽيءَ ۾ ڏٺو تہ ڪجهہ مذدور چيني جي گهر جي ڪمپائونڊ وال کي ڍاهي رهيا هئا تہ ڪي ڀنجوءَ کي ڪنڌيري رهيا هئا، چري بہ ڪوٽجي چڪي، ٽرئڪٽر وارو سرون بہ لاهي ويو،ٽئين صبح تي بہ رازا ۽ اٺ ڏهہ مذدور ڪم ڪري رهيا هئا،ڏسندي ڏسندي سموري ڀت ڊي پي سي جي سطح تائين نڪري آئي.

چيني کل ٻٽاڪ ماني ڪري ڇڏي هئي ، سدائين پنهنجي ڪم ۾ محو رهندو هو.

چيني جي ڏاڏي بہ رڌ پچاءَ لاءِ هڪ چوڪري پاڙي مان آندي هئي.

ڀت هاٽي لينٽر تائين پهتي، ڏسندي ڏسندي 25 فٽ اوچي ديوار ڪجي وئي، مذدورن جو تعداد بہ گهٽجي ويو، چو تہ ديوار کي استر ٿي رهيو هو، پاڙي جو چڱو اڇي لنگهيو ، ڪم جي چال ڏسي چوڻ لڳو:

”جنهن ڏينهن غريب جو ٻار ڊوءِ ڪري ماني کائيندو آهي تہ زيان ضرور ڪندو آهي، چيني کي بہ ٻن رپين جي مڳز ۾ هواءِ هئس ، ٻاڦي ستو ٿي ويندو.“

استر مڪمل ٿي ويو۽ پوءِ پلستر شروع ٿيو ، ڪجهہ ڏينهن ۾ چيني جي عظيم ديوار ڪُرُ ڪٽي بيني ، نقاش ۽ رنگساز گهرايا ويا ، ڪجهہ ڏينهن ۾ انهن نقش چٽيا ۽ ماربل جيان ديوار کي چمڪائي وڌو، خطاطي سان ديوار تي چيني جي عظيم ديوار لکيو ويو، ان ڏينهن ڪم هلندي اخبار وارا آيا جن چيني جي عظيم ديوار جون تصويرون ڪڍي وڏين سرخين سان خبرون ڇپيون، ملڪ اندر ڌوم مچي وئي ، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ انگريز چينو وال ڏسڻ آيو ، انگريز حيران ٿيندي چيو:

”چينو وال ھڪ نئون عجوبو آھي! “
”توھان پھرين موھن جي دڙي کي پنھنجن ڪتابن ۾ تاريخ ۾ عجوبو ڪري مڃيو، لڪوءِ پڙھو ، تنھن بعد ئي چينو وال عجوبو ڳڻجو.“
”موھن جو ڊارو وٽ سنڌي ڊاڪو آھن ، جيڪي ڦر لٽ ۾ اغوا ڪري وجن ٿا ، اوھان جي حڪومت اسان کي اھڙا ڊپ ڏئي ، اتي وڃڻ ناھي ڏيندي.“
انگريز چيني کي چيو ۾ پوءِ ڊائريءَ ۾ ڪجھ لکيائين ۾ ديوار جون تصويرون ڪڍي پاڻ سان گڏ کڻي ويو.

چينو پنھنجي ڪمري ۾ اداس وينو سوچي ٿو، سنڌس ڏاڏي جي جمع ڪيل ملڪيت بلڪل پوري ٿي وئي ھئي، اجا سندس خواھش آھي تہ ديوار جي مٿان منارا ٺھن جيئن ديوار اجا پي نکري بيھي پر گھر صفا پينگ ھئس، اوچتو کيس مينھن ڪپائڻ جو خيال آيو.
”چا پيو سوچين چينا ميان!؟ “، چيني جي ٽيڻ واري سھري ڪمري ۾ داخل ٿيندي پڇيس.
”ڪجھ نہ چاچا! “، چيني وراڻيو.
”پٽ ! مان تو وٽ آيس تہ ھاڻي تون شادي ڪر ۾ منھنجي ڪلھن تان بار لاھہ ، چو تہ توکي خبر آھي تہ مان ھن مھيني سعودي پيو وڃان ۾ شايد نہ موٽان.........منھنجو خيال آھي تہ تون شادي ڪري ڇڏ!“
”پر چاچا! ھن وقت مان خالي آھيان ، سڀ موڙي ھن ديوار تي خرچ ڪري ڇڏي آھي“
”مينھن تہ بيني اتئي نہ! پل سادگيءَ سان شادي ڪري ڇڏ، سياڻي جواب ھا ۾ ڏجان نہ تہ مان تنھنجو ڏوھي نہ ٿيندس.“
چيني جو سھرو سندس ڪمري مان ٻاھر نکري ويو.

چينو عجيب ڪشمڪش ۾ ھو ، ھڪ طرف سندس مڱ ھئي ۾ ٻئي طرف سندس عظيم ديوار ، پر ھو فيصلي کان قاصر ھو.
”خير آھي! مڙسن لاءِ زالون کوڙ............... سياڻي مينھن ڪپائي ”عظيم ديوار “ جا منارا لڳرائيندس.“
سوچيندي سوچيندي ھن جي گھري اک لڳي وئي.

صبح چينو ۽ سندس ڏاڏي ننڊ مان جاڳيا، چينو ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو، سندس عظيم ديوار کي وڏو ڪاٽ لڳل هو، جتان سندس مينهن جي ڪُرن جا نشان ٻاهر گهٽيءَ ڏي پئي ويا.

# صحرا جا خواب

رڻ

رڻ کي ريدار ڇڏي ويا هئا، رڻ اباڻڪو هو،رڻ جي نڙي خشڪ ٿي وئي هئي. رڻ جو بدن ٿوهارجي چڪو هو.رڻ جي اڪيلائي ڏسي ٿوهر روئي رهيا هئا. رڻ جي ننڊ ڦٽل هئي، رڻ ريدار لاءِ ٻاڪي رهيو هو. ٽڙپي رهيو هو پر هن جي خشڪيل نڙيءَ جي اچ اجھائڻ وارو ڪوبہ نہ هو.

هڪ لڳي هڪ گمن پليل واڻهڙو رڻ جي ريتيءَ سان مليو. ان دفعي رڻ سرهو هو ريدار جي سڪ لهي وئي. واڻهڙو کي ريدار سمجهي ٻڪجي ويو، واڻهڙو هڪو ٻڪو ٿي ويو، واڻهڙو جي زنگي ۾ هڪ نئون موڙ هو. واڻهڙو ڪنهن لمحي  صفا هلڪو ٿي هوا ۾ اڏامي رهيو هو ۽ ڪنهن لمحي صفا ڳرو ٻڄي واريءَ ۾ دٻجندي ٿي ويو.

واڻهڙو جي ڪلهن تي بار وڌي رهيو هو،هن جي چيلهہ چبي ٿي رهي هئي، هن جي ڇاتيءَ کي زمين ڇڪي رهي هئي،ڪشش ثقل.

واڻهڙو جا عضوا هيٺ ڇڪجي رهيا هئا، بس هو جهڪندو رهيو...جهبندو رهيو.

سڄاڳي

ڪٽ تي ستل منجهند جو هڪ ٽائيم، ڪمري ۾ در ڪليل، جوٽس اندر در ٽپي آئي هئي هٽ ۾ ماني هجيس تي ننڊڙو پٿهنس ڪش تي هجيس تو هن کي ڏونڊاڙي ٿي، هو گهري ننڊ ۾ هجي تو ماني پرسان واري ڪٽ تي رکي ٿي، ننڊڙي پٿهنس کي هن جي سيني پرسمهيل هجڻ ڪري، هن جي پنيءَ ويهاري ٿي، هو اٿڻ واري ڪري تو تہ ننڊڙي کي ڪٽي ٻي ڪٽ تي ويهاري ٿي، رلي بدن تان هٽائي اتي ويهي تو، جوٽيس پاٽيءَ جو گلاس سڏڪو پري ٿي .

هو منهن ڌوئڻ بنا هن جي روٽٺهارڪي چهري  ڏي  نهاري تو. هوءَ ماني ڪٽي هن جي اڳيان رکي ٿي،هو پاٽيءَ سان پهريائين منهن کي چندا هٽي تو،پوءِ ماني ڪٽي اڳيان رکي تو،گرھ

پڄيندي هن ڏانهن نهاري تو. هن جون اکيون ڳاڙهيون آهن، تارا پاڻي ۾ پريل اٿس، فقط هڪ اوچنگار جي دير هئس.

”ڳالهائين ڇونه ٿي گونگي! رڳو مسڪڻ ۾ پوري آهين؟!“

هوءَ ڇلڪي پئي، پوتيءَ جي پلاند سان اکيون اگهڻ لڳي.

”تنهنجي مرضي آهي ته مان سڪون سان ٻه گرهه مانيءَ جا ٻه نه کاوان!“

هوءَ لڇندي ننڍري کي ڪڇ تي کڻي ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي

فليش بئڪ

گهرو جهيڙا_ملڪيت جي ورڱاست_ چاچي سان تڪرار_ ياٽس جو قتل ٿيڻ _ فيصلو_ عيوضي ۾ سڱ ڇٽي _ هن جي شادي _ ڇهن مهينن بعد شهر لڏي اچڻ _ گهر وارن کان ڌار_ خانگي نوڪريبن سالن جو عرصو گذرڻ.

هوءَ چانهه کڻي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي، ننڍڙو ڪڇ تي هجيس تو.هن کي چانهه ڏئي پرسان واري کٽ تي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهي ، هن جو سڏڪڻ سمجهي سگهيو پئي.

هن ٿانوَ کڻي پنهنجي پرسان رکيا.

”آخر ٿيو ڇا هي ، مسڪٽي!؟ وات مان مڱ ڪيندينءَ يا نه ڌ!“

”توکي ڇا هي، تون هوش ۾ هجين ته توکي خبر پوئي!“

”وري ڪهڙا پور پيا اٿئي؟“

”سڄي رات ننڍڙي کي پيٽ ۾ سور هيو، نه پاڻ ستو نه مونکي ئي سمهڻ ڏنائين.“

”گرائپ واٽر کان ڳالهه چڙهي وئي آهي.“

”هن وڏي شهر ۾ ننڍي ۾ ننڍي ڊاڪٽر جي فيس ٻه ٻه سئو روپيه آهي ۽ اسٽور جي دوا ٻه هن کان الڳ آهي..“

”ته پوءِ ننڍڙو پلي جان تڙپي، ڦتڪي.!“

”هتي جا ڊاڪٽر منهنجا ڏاڏي پوٽا ته نه آهن جو رحم کائي اوڌر تي دوا ڏيندا.“

هن جو ڇهر ڪاراٽجي ويو، تڪڙ ۾ ننڍڙي کي ڪڇ تي کڻي ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي.

ياد گيرو.

2 ڏينهن اڳ _ آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندڙ پنجابيءَ کي چيو هئائين.

”متين يائي!مان جڏهن ٻه سمهي پوندو آهيان ته منهنجر خوابن ۾ بي سڪوني هوندي آهي هر وقت صحرا ۾ ڀٽڪندو وتندو آهيان. رڻ ۽ ريگستان منهنجا ساٿاري هجن، رڻ ئي رڻ هوندو آهي، منهنجي خوابن ۾.....“

”پلا ماضي ياد ايندو اٿئي ڇا؟“
”مون ماضيءَ کي وساري ڇڏيو آهيءَ ايترو جو مون پنهنجي ڳوٺ وارن ٻن سالن کان در به ناهي ڏٺو.“
”ته پوءِ ڪا گهرو پريشاني هوندئي!؟“
”ها يار ننڍڙو بيمار ٿو رهي سوچيان ٿو ته هن آچر تي آرام نه ڪريان ۽ ڪيس دوا لاءِ ڪٺي وڃان پر هٿ ۾ پئسا به ناهن.......تون اگر پگهار تائين پنج سئو اڌارا ڏين ته مهرباني ٿيندي.“
”مون وٽ آهن پر مان اڄ ڳوٺ ٿو وڃان هفتي کان پوءِ موٽندس.“
بيڪٽريل در آهستي کليو.
هوءَ ننڍڙي کي ڪڇ تي کڻي اندر ٽپي آئي،هن دفعي هن جو سڏڪڻ بند هو،ا وڃاڳي ۾ روئڻ جي ڪري اکيون ڳاڙهيون هيس، پرسان واري کٽ تي اچي ويهي رهي هن ڏي نهاري وري اکيون هيٺ ڪري ڇڏيائين، چپن ۾ ڪجهه پٽڪي بس ڪيائين.
”هون.....ها چئو ڇا ٿي چوڻ گهرين؟“
”سئوٽ تنهنجي پگهار اچڻ ۾ اجان ٽيرنهن ڏينهن آهن، جي تون اجازت ڏي ته مان ڪجهه پئسا ”امان وارن“کان گهرائي وٺان.؟“
هو چاچي وارن جو ذڪر ٻڌي ڳاڙهو ٿي ويو، لونڊڙيون ڏوڻ لڳس جهٽ هڪڙيءَ ۾ نرڙ پگهرجي ويس.
جنهن ماضيءَ کي هن وساري ڇڏيو هيو سو فليش بيڪ تي هن جي اڳيان جهٽڪا ڏيڻ لڳو.
گهرو جهڳڙا، ملڪيت جي ورهاست،چاچي سان تڪرار، پاڙس جو قتل ٿيڻ فيصلو..........هن جي وجود اڳيان ڌماڪا ٿيڻ لڳا ناگا ساڪي ۽ هيرو شيما کان به وڌيڪ ڌماڪا هن جي اکين اڳيان دونهون ئي دونهون هو، هوءَ جنهن ٻن سالن ۾ ڪڏهن به پيڪن جو نالو زبان تي نه آندو هو، اڄ انهن جو ذڪر ڪري اربع خطا پانئي رهي هئي، ڪنڌ شرمساريءَ کان جهڪي ويو هوس، همٿ نه پئي ٿيس جو مڙسنهس جي منهن ڏانهن نهار وجهي.
خاموشي
ڪجهه لمحن ڪانپوءِ
ڪمري جي سانت
سانت جو آواز_ ننڍڙي جو روئڻ، هن جو گود ۾ ننڍڙي کي لڪائڻ.
”ڏس سئوٽِ! تنهنجو منهنجو ڳانڍاپو هڪ دکدائڪ افسانو آهي، جنهن ۾ بيشمار غمن جون ڳنڍيون آهن ۽ جنهن جو ماضي هڪ المناڪ الميو آهي، هن جي ماضيءَ جي سرچ لائيٽ کي

ٻارڻ ڪان اڳ ايترو ضرور سوچجان ته هن جي روشني ۾ ڪيترا ئي لڪل ۽ اڻ ڏٺل منظر به ظاهر ٿي پوندا، هوءَ ڪنڌ مٿي ڪٽي هڪ نهار مٽرس تي وجهي ٿي.جتي ڪيس پٽ جو ڪفن ڏسڻ ۾ اچي ٿو، وري هڪ نهار ننڍڙي پٽ تي وجهي ٿي، جيڪو سندس هنج ۾ بخار ۾ تپيل آهي هوءَ سڏڪندي چوي ٿي .

”مان ممتا ڪي ڪاڏي ڪريان ! جيڪا مونکي هڪ پل به ساهه پٽڻ نه ٿي ڏي.“

”........۽ مان حالتن هٿان مجبور آهيان، سئوتِ !مونکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، مان ڏبڻ ۾ قاتل آهيان، اڳيان اجرو ياٽي آهي ۽ مان پنيان گٽر جو وهڪرو.....مان پوئتي لڙهڻ نه ٿو چاهيان.....نه ٿو چاهيان!!“

هوءَ ٿاهڙ تتر جيان پڙڪو ڏئي اٿي. ننڍڙي کي چاتيءَ سان ائين چنبڙائي ڇڏيائين جڻ ڪو ڪانئس ڦري رهيو هجي، ٻنهي ٻانهن جي ياڪر ۾ سڪ ڪري، سسڪندي ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي.

هو ڪيترائي پَل مجسمي جيان ساڪن وينو رهيو، ڪمري ۾ خاموشي هئي، هو اٿيو هينگر ۾ ٽنگيل قميص جي کيسي مان واليٽ ڪڍيائين، واليٽ مان ڊائيزِپام گورين جو پتو ڪڍي هڪ گوري بغير پاڻي جي ڳِهي ورتائين.

ڪجهه لمحن بعد

هن کي خشڪيل نڙيءَ وارو پياسو ۽ اباڻڪو رڻ ڏسڻ ۾ ٿي آيو جنهن کي ريڊار ڇڏي ويا هئا،جتي هو روئندڙ ٿوهر کي پرچائڻ وجي رهيو هو، پياسي رڻ جي اج اجهائڻ وجي رهيو هو.

# پنهنجي ڌرتي

”هيلو“

”هيلو! سيٺ رامو مل از اسپيڪنگ!“

”سيٺ ظلم ٿي ويو قهر ٿي ويو!“

”اڙي وري ڇا ٿي ويو!“

”سيٺ سمجھ تہ ڌرتي ڦاٽي پئي!“

”اڙي ڇا زلزلو آيو!؟ ڪٿي ڌرتي ڦاٽي پئي!؟

”سيٺ ڪھرام ٿيو تنھنجي گھر!!“

”ڇا ٿيو آ منھنجي گھر!؟“

”طوفان آيو ۽ سڀ ڪجھ اڏاري ڪٽي ويو!“

”اڙي تون آھين ڪير!؟ ڳجھارتون ڇو ٿو ڏين!“

”مان“ پولو“ پيو ڳالھايان.....بس ظلم ٿي ويو نہ، ڌرتي اونڌي ٿي وئي نہ، بس....“

”اڙي پولا! آخر ٿيو ڇا آھي..... جلدي ٻڌاءِ مان دل جو مريض آھيان.“

”ھڪ ڏک سان ٿي قضيا.... ٿي لاش تنھنجي گھر پيا ٿي.“

”ڪنھن جا لاش؟؟“

”تنھنجن ٽنھي شارپي ڪتن جا!“

”پر انھن کي ڪنھن ماريو ۽ ڇو ماريو!“

”مان....! ڇو تہ ڪالھ تون منھنجي ٽلھي پيءُ کي چيو تہ ھن جي شڪل تنھنجي شارپي ڪتن سان ملي ٿي ۽ تون ھن کي پنھنجي ٽلھن شارپي نسل جي ڪتن جا فوٽو بہ ڏيکاريا ھئا.“

”ھا! مان تہ اھو ساڻس پوڳ ڪيو ھو.“

”تو تہ پوڳ ڪيو ھو پر بابو ويچارو صدمي ۾ مري ويو.اڄ ڪيس دفنايو آھي.“

”پولا! تون ڪوڙ پيو بڪين!“

”مان سچ ٿو چوان..... شڪ ٿي تہ اڄوڪي اخبار پڙھي ڏس، جنھن ۾ لکيل آھي تہ ھڪ پوڙھو گرمي جي ستہ نہ سھي مري ويو.“

”پوءِ ڏس نہ تہ هو گرمي جي ڪري مري ويو آهي.“

”شڪر ڪر تہ اخبار ۾ تنهنجو نالو نہ ڏنو نہ تہ پڇاپير تہ چڙهي وڃي ها! چو جو هو تنهنجي ئي ڪري مري ويو.“

”پر مان تہ تنهنجي پيءُ کي نہ ماريو!“

”مري تہ تنهنجي ڏنل صدمي جي ڪري ويو نہ....ياد رک سيٺ تون مون کي يتيم ڪيو آهي مان تنهنجي ٻارن کي يتيم ڪندس.

تنهنجي پٽ وجي ڪمار کي يتيم ڪندس!“

”پولا! آخر تنهجو مقصد ڇا آهي!؟“

”منهنجو مقصد آهي تہ تون مون کي ٻہ ٽي هزار ڏي تہ مان بابي جي جماڻي جي ماني ڪريان.“

-x-

”هيلو!“

”هيلو! سيٺ رامو مل از اسپيڪنگ.....“

”سيٺ مون کي سڃاڻين ٿو....!“

”بابلا! مان فون تي تنهنجو فوٽو تہ ڪونہ ٿو ڏسان!“

”سيٺ! مان ڪلال مڪراڻي ٿو ڳالهايان.“

”اڙي ڪلو خوش آهين، ماڻهين پٺهين خوش آهن!؟“

”سيٺ! تو سٺو ناهي ڪيو!“

”اڙي بادشاهہ! مان ڇا سٺو ناهي ڪيو؟“

”سيٺ! تو ٽي ڏينهن اڳ منهنجي ماءُ کي اوڌر تي ڪپڙو نہ ڏنو هو!“

”اڙي بادشاهه! تو هان ڏي اڳيان پئسا بہ رکت ڪيل آهن. اهي ناهن مليا!“

”سيٺ! ۽ مان جو تو کان چئن مهينن جي ”منٿلي“ ناهي ورتي.“

”چڱو چڱو بادشاهه ڪلو! ماڻهين کي موڪل تہ هزار جو ڪپڙو وٺي وڃي..... چڱو .....نمستي!!“

-x-

”هيلو السلام عليڪم!“

واليڪم السلام! سيٺ..... رامو مل از اسپيڪنگ!“

”سيٺ! مان سچو ٿي ويو آهيان، ڌنڌي ۾ مزو ناهي!“

”هائو، وزير ڇا حال اٿئي!؟“

”سيٺ! گهر جا خرچ وڌي ويا آهن، پنهي گهر وارين سان پڇي نٿو سگهان!“

”تہ پوءِ هڪڙي پلا ڪياءِ!“

ڪا چڱي پارٽي جاچي ڏي ڪپائيندو مانس!“

”گهٽا ڏوڪڙ وٺندين!“

سودي تي نهي ٿا پئو پر هڪڙي ڳالهه پڌ......اٺ ڏهه ڏينهن اڳ مان ڪوهه مري ويو هئس. تنهنجو پٽ وجي ڪمار بہ اتي آيل هو! هڪڙي ڏينهن اتي تارن ۾ لٽڪندڙ دٻن (ڪيبل ڪار چيئر لفٽ) جي هڪڙي دٻي ۾ مان پنهنجين گهر وارين سان گڏ وينو هوس تہ منهنجي نظر تنهنجي پٽ وجي ڪمار تي پئي، جيڪو اڳين ”چيئر لفٽ“ جي دٻي ۾ وينو هو..... منهنجي گهر وارين کي ڏسي عجيب اشارا ڪري رهيو هو.... مان پي غلط اشارا ڏنا مانس تہ پوندا ڏيڻ لڳو ۽ خبر اٿئي مون کي غيرت چڙهي وئي هئي، اتي ئي ماريانس ها پر تنهنجي سر ڏي ڏسي مات ڪئي!“

”وزير وجي کي بہ ڪلاڪ ٿيا آهن دڪان تان لهي ويو آهي خبر ناهي چو دير ڪئي اٿئين!“ مان پاڻ پريشان آهيان، اچي تہ سبق سيکاريانس ٿو.“

”سيٺ! تو ڏي برادري جو منهن اٿئي!“

”هائو ابا وزير پرواهه نه ڪر!“

-X-

”هيلو..... رامو مل!!؟؟“

”جي جي! رامو مل اسپيڪنگ!“

”مان ڏاڙيل نظرو ٿو ڳالهايان!“

”خير ته آهي! بادشاهه هاڻي ڇا ”پروگرام آهي!؟“

”پروگرام؟؟؟ ها ها ها.... ها ها! وجي سنپاليو اٿئي! ته ڪٿي آهي!؟“

”ڀه ڪلاڪ اڳ دڪان تان لهي ويو هو، ٻئي دڪان تان ڪپڙن جا ٿان ڪٽڻ!“

”ها ها.....ها ها!...آ هاڻي ڳالهائينس، مون وٽ مهمان اٿئي!“

”نمستي پتا.... مان نظرو وٽ آهيان!“

”تون ته دڪان تان ڪپڙن جا ٿان ڪٽڻ ويو هئين!؟“

”هائو بابا! مان جڏهن پنهنجي دڪان تان لهي، شاهي بازار جي موڙ وٽ پهتس ته ڪنهن پنيان سڪ ڪري گاڏي ۾ ويهاريو. هاڻي نظرو وٽ آهيان.“

”خبر آهي پٽ! پنهنجي ڌرتي ماتا اگر ”ديش پرائو“ ٿي وئي آهي! پوءِ به پونءِ ته پنهنجي آهي، جنهن ڪي ماتا چوڻ سان لونءِ لونءِ ڌري پوي ٿي، جنهن جو ناءُ وٺڻ سان ائين لڳندو آهي، ڄڻ زخمن مٿان برف اچي وئي هجي!“

”بابا! نظرو ويهه لک پنگ گهري ٿو!“

”پنهنجي ڌرتي تي لڪي ساهه کڻون، اهو پلو آهي ان ڪان جو هتان هليا وڃون.“

”سيٺ رامو مل صاحب! هاڻي مان اوهان جو خادم نظرو ٿو ڳالهايان..... گهٽو ملهه رکون ”وجي ڪمار“ جو!“

”جيڪي تون گھرندين........“

”سيٺ! ويھہ لک مناسب آھن...... ٿي سگھيو تہ خاص رعايت ملئي! ھونئن بہ پئسا نہ ڏيندڙن جا لاش ويران جڳھن تان لڌل لاشن جا فوٽو تہ اخبارن ۾ جام ڏٺا ھوندئي! ائين نہ ٿي جو وجي جو لاش بہ.........“

”نظرو! وجي کي ڪجھہ نہ ٿئجانءِ تون پنھنجي پئسن جو مالڪ!“

”ڏاڍو تکڙو مجي ورتئي!“

”نظرو ڌرتي جو مون تي قرض آھي، ان جو حصو مان تو کي ضرور ڏيندس.“

”چڱو، پوءِ ڪڏھن تو ”پکي“ پڃري مان آزاد ڪرائين!“

”مان تن ڏينھن ۾ رقم تو تائين پھچائيندس!“

”.......ءِ پڌ چالاڪيءَ جو نتيجو وجي جو لاش ٻڌجي ملندئي!“

”چڱو! سيٺ صاحب، دعائن ۾ ياد!“

”چڱو.....!“

”سيٺ! دعائن ۾ تہ ياد ڪونہ رکندين! باقي پاراتا اثر نہ ٿا ڏيکارن..... چڱو! سدائين گڏ!“

-x-

”ھيلو! ڊي پي او جاويد احمد.“

”ھيلو! رامو مل از اسپيڪنگ!“

”رامو مل صاحب! اوھان جو پٽ وجي ڪمار ڪٿي آھي؟“

”وجي!!!؟ وجي شھر کان ٻاھر ويل آھي.“

”توھان وڏي غلطي ۾ آھيو.“

”اھو ڪيئن، ڊي پي او صاحب!؟“

”وجي ڪڏهن ۾ ڪهڙي شهر ويو آهي.“

”وجي ڪالھ نڪري ويو آهي ۽ پڌايو نہ هئين!“

”وجي، ڌاڙيل نظروءَ وٽ هو!“

”ڇا......؟؟ نظروءَ وٽ!“

”۽ ڪالھ سڄي ضلعي جي پوليس ڪچي ۾ نظروءَ جي بدنام ٽولي سان مقابلو ڪيو، جنهن ۾ رهزن نظرو پنهنجي انجام کي پهتو ۽ ڏک جهڙي ڳالھ آهي تہ هڪ مغوي، جنهن جي سڃاڻپ اوهان جي پٽ وجي ڪمار طور ٿي آهي سو بہ ديهانت ڪري ويو......

هيلو.....هيلو،......

”هيلو.....هيلو!!؟“

”جي، رامو مل از اسپيڪنگ!“

”توهان فون ڇو بند ڪري ڇڏي!؟“

بدنصيب پيءُ پٽ جي ديهانت جو ٻڌي ريسور هٿ مان ڪيرائي وڃڻدو آهي..... پر پوءِ بہ مان خوش آهيان تہ شمشان گهاٽ ۾ وجي جي ٻچيل هڏين کي پنهنجي ماتا ڌرتي جي گود نصيب ٿيندي، پنهنجي ڌرتي تي وهندڙ سندوءَ جي ڇولين جو قرار نصيب ٿيندو، جيڪو ماتا جي لولين کان وڌيڪ سڪون ڏيندڙ آهي.

ڊي پي او صاحب! وجي کي تہ پنهنجي ڌرتي جو قرار نصيب ٿيو، باقي رهيو رامو مل، تہ ان جو جيڪو نصيب!!!

***

# ڪير وارو

ڪاٺ جي پراڻي ٽڙڪيل در وٽ ننڍڙو اگهاڙو ڇوڪرو بيٺو،رستي تان گذرندڙ سائيڪلن،موٽرسائيڪلن،ٽانگن، گڏهه گاڏنءِ ڍاتسنن کي ڏسي رهيو هو، هڪ ڪير وارومو ٽرسائيڪل تي رکيل ڪير جي دٻن سوڏواچي در وٽ بيٺو،ڪير جي هڪڙي دٻي جو منهن کولي دٻي تي ڪڙِڪاٺڻ لڳو،وري موٽر سائيڪل جو هارون وڄائڻ لڳو،ننڍڙواگهاڙو ڇوڪرو ڊِڪندو گهر هليو ويو،ڪجهه لمحن ۾ هڪڙي مائي ڪير جي چونئري ڪٽي ٻاهر نڪري آئي.

”آ ابا ڪير وٺ!“

”گهڻو آهي امان؟“

”پٽ! لوٽو ڪونه آندو اٿئي ڇا“

”آندو آهي ........پر تنهنجي زبان تي پڪ اٿم،جيترو چوندينءَ ايترو ئي هوندو.“

”ساڍا چار ڪلو آهي چونئري جي ماپ مطابق.“

”امان تنهنجي مال جو ڪير سچو ملندو آهي،تڏهن ته مان ميٽر به ڪونه هٽندو آهيان.“

”اَبا ڪير جي تاريف(تعريف)ته ڪندو آهين پر ڪڏهن اگهه ته مٿي ڪونه ڏنو اٿئي!“

”امان خبر ٿئي ته پيٽرول مهانگو ٿي ويوآهي ، اهو نڊٽڪو چڙهيو جڻ هر مصنوعي نهيل شيءِ چڙهي ويندي.“

”ها ابا ٻي شيءِ چڙِهي ويندي،رڳوڪير جو اگهه نه ٿيندو،.....!ان اگهه مان مينهن جي کٽي به نه ٿي ملي.“

”امان هاڻي سسٽم ئي بدلجي ويو آهي،اڳي سينيون ڪچو ڪير پرائيءَ تي وننداهئا ۽اهو وري برف شاپ ۾ رکي جمائي برف ڪري ڪراچي ڪٽي ويندا هئا،پر هاڻي ڪير مائي جي ٻنيءَ تي ڏيندا آهيون،

جتي”دودهه ڪا دودهه ۽پاني ڪا پاني“ظاهر ٿي پوندو آهي .ڪير نجو هوندو ته ”واڌائي“ پوري لهندي ۽ جي ڪير ۾ پاڻي هوندو ته”واڌائي“گهٽ لهنديءِ”واڌائي “گهٽ لٿي ته سيٺ اوترو ڪير ڪٽ ڪندو آهي“

”پر ابا! منهنجي ڪير ۾ ته پاڻي ڪونه هوندو آهي.“

”امڙ تنهنجو ڪير ته نجو آهي پر تنهنجي ڳوٺ وارو شاهه آهي نه، ان جوڪيرمڙئي جهارو ملندو آهي.“

”ابا ٿورو آهستي ڳالهاءِ!پاڙي وارا ماچي مريد اٿس.“

”اهڙن پيرن جي پنيان لڳا ته پلصراط ڪان اڳي ڇڏي ويندن.“

” ابا ڪير لڪي چڙيئي.........؟“

”هائو امڙ.....؟“

ڪير وارو اسڪوٽر تي چڙهي ٻئي در تي بريڪ ڏني، هارون وڃايائينءَپوءِ لوٽو ڪٽي ڪير جي ڏٻي تي ڪڙڪائڻ لڳو.

”او پٽ اڄ مينهن ناهي مڙي ......ڪير ڪونهي ڪو!“

”ڪير ڪونهي ته پاڻي ئي آڻي ڏي!“

”هائو پٽ!آڻيان ٿي .“

ڪجهه لمحن ۾ پوڙهي گلاس پاڻي جو ڀري آئي ڪير واري کي ڏيندي چيائين :

”پٽ پئسا آندا اٿئي...؟مينهن بيمار ٿي پئي آهي ان ڪري ٿئين ڏينهن کان مڙي نٿي.“

”پئسا پهرين تاريخ ملندا ته ڏيندو سانو!“

ڪير وارو پاڻي پئي خالي گلاس پوڙهي ڏانهن وڌائيندي چوڻ لڳو.

ڪِڪِ لڳائي گيئر اڳتي ڪري ايڪسيليٽر کي چوريائين ته اسڪوٽر اڳتي وڌي ويو.

ڪير واري ماڇين جي در آڏو بريڪ تي لت ڏني،لوٽو ڪڙڪايو ته همراهه وڏي چونئري ڪير جي ڀري ڪڻي آيو ڪير واروآڏو ڪيسي مان ڪير ۾ پاڻي ماپڻ وارو اوزار”ليڪٽوميٽر“ڪڍڻ لڳو.

”علڻ!اڄ ڀلا ٽڪڙو ڪير ڪڻي آئين،”واردات“اڳ۾ ئي ڪري ڇڏي هيئي ڇا؟“

”اڄ مينهن سوير مڙي هئي،ڪنڌي پٺاري آهي، مرشد جي دعا ٿيل اٿس.“

”علڻ تنهنجي گهران ڪير نجو نٿوملي!؟“

”پائو!لعنت ڪريس.....آگهار ساگهار ڪانسواءِ حرام ٿئي.“

ڪير وارو،ليڪٽو ميٽر پنج سيرن واري ڪير جي چونئري ۾ آهستي آهستي وجهڻ لڳو،ليڪٽو ميٽر ٻڏي ويو فقط چوٽي ظاهر ٿيڻ لڳس.

”مار پوئي علڻ ! هي ڏس هڪ حصوڪير ته ٽي حصا پاڻي!“

”پائو ميٽر خراب هوندئي ، اسان کي چونئري جي اگهار ڪانسواءِ حرام آ.........!“

”علڻ ڪير جا پئسا وٺندو آهين ته ڪير ڏي....باقي سياڻي ههڙو ڪير مان نه ڪٽندو سانئڻ...!“

ڪير وارو علڻ جو ڪير ڏٻي ۾ وجهي اڳتي هليو،موڙ وٽان لڙي اندر رخ رکيائين.گهٽيءَ ۾ هڪ در اهڙو به هو جتي هن سان عجيب ڳالهه ٿي هئي، هڪ ڏينهن جڏهن ڪير ڪڻڻ آيو هو ته انهي در وٽ بينل همراهه هن کي چيوهو:

”او ادا ڪير وارا بيهه ته ....!“
هن بريڪ تي زور ڏنو هو در وارو همراهه پرسان آيو هوس.
”مينهن نه ٿي مڙي ....سئي هٽي ڏي گهر هلي اچ.“
ڪير وارو موٽر سائيڪل بيهاري ۽هن سان گڏ هليو ويو، گهر اندر گهڙي همراه هن کي هڪ ڪمري ڏانهن وٺي وڃڻ لڳو.
”مينهن جي ڪير لاهڻ وري سئي اندر ڪونيءَ ڏي پئي آهي، مونکي سجاڻڻ ۾ ناهي ايندي تون هلي ڪڻ !“
”مونکي خبرآهي آڪسيٽوسن لڳندي آهي !“،ڪير واري ٻڌايس.
همراهه هن کي ڪمري جو در ٽپڻ لاءِ چيو،ڪير وارو جيئن ئي اندر گهريو، پويان همراهه در ٻاهران بند ڪري ڇڏيو.
ڪير وارو حيران پريشان ٿي ويو، ڪونيءَ ۾ ڏينهن وري اونداهي هئي، هن پوئتي نهاريو،ڪٿ تي ڪا ڇوڪري ويني هئي هن کي ڳالهه ڪجهه ڪجهه سجهه ۾ ويني .
ڇوڪري ٽامڻي هنيل ڇهري سان هن ڏي نهاريو،هيءُ ان ڳجهارت ۾ گم هو،ڇوڪري هن جي پرسان آئي.
”اِهو بيغيرت منهنجو مڙس آهي، مونکان زوريءَ ”ڌنڌو“ ڪرائڻ چاهي ٿو.“
ڇوڪري هن جي اڳيان اچي چيو، ” مان هن حرامي جي نشي لاءِ پئسا ڪٿان آڻيان.!“
”ته پوءِ تون ڇڏي ڇونٿي ڏينس؟“
”نه اوهي نه واهي،ٺڏٽڪي آهيان!“
”پوءِ چا تون هن ڪم ۾ خوش آهين!“
”سرڪار!ڀلا ڪا حوا جي ڌيءُ متي جو لٽو لهرائڻ ۾ خوش هوندي آهي ؟“
”ڇڳويلا! هي ٻه ٿي روپيه وٺ، مڙسهين ڪي نشي لاءِ ڏي ۽ مونکان هٽ ڪيو.“
سوڙهي گهٽي۾مان سامهون اينڊز گڏهه گاڏي واري ڪير واري کي هڪل ڪئي ، جيڪو دَرَڪهاٽيءَ ۾ گم سر تي موٽر سائيڪل هلائيندو پئي آيو.
ڪير وارو حال ۾ پهتو.موٽر سائيڪل کي شاهه جي گهرجي دَرَ جي اڳيان بيهاري هيٺ لٿو، شاهه صاحب اوچتو ئي گهران نڪري آيو هو ڪير واري کي ڏسي ڪير ڪٽڻ ويو.ڪجهه منٽن ڪان پوءِ ڪير جي ڇونئري ڪٽي ٻاهر نڪتو .
”چئن سيرن جي ڪير جي ڇونئري وٺ ته مان ٻئي ڇوئنري ڪٽي اچان.“، شاهه ڪير واري کي چئي واپس گهر ڏي هليو ويو.

ڪير واري ڪير جي چونئري موٽرسائيڪل تي رکي،ھڪ ھٿ سان ان کي جھليو بئي ھٿ سان ڪيسي مان ليڪٽو ميٽر ڪڍي ڪير جي چونئريءَ ۾ ليڪٽو ميٽر وڌائين، ليڪٽو ميٽر ٻڌي ويو فقط چوٽي ظاھر ٿيڻ لڳس .

شاھ بہ گھران ٻي چونئري ڪٽي نڪري آيو ٻئي چونئري بہ ڪير واري کي ڏيندي چيائين ، ”پائڙا!چار ۽ ٽي ست ڪلو ڪير ٿيو اٿئي.“

”شاھ صاحب اوھان جون گھٽيون مينھيون آھن.!؟“

”مينھون......!؟ ھڪڙي مينھن آھي ڪنڊي پٽاري!ماچي فقير مريد آھن، انھن ڏن ۾ ڏني ھئي.“

” سائين مينھن ڪير گھٽو ڏيندي آھي؟“

”اڳي تہ بہ ڪلو ڏيندي ھئي،ھاڻي اسان جي دعائن جي برڪت سان ست ڪلو ڏيندي آھي.“

”پڪا ست ڪلو؟!“

”ھا،پڪا ست ڪلو!اھو اسان جي دعائن جي برڪتن جي ڪري آھي.تون بہ چئو تہ تنھنجي دٻن تي دعا پڙھان،تنھجا اِھي ڪير جا دٻا ساري عمر خالي نہ ٿين !“

”قبلا منھنجي ڪير جا دٻا ھاڻي بہ خالي ناھن رھندا.“

”......تہ پوءِ اجان بہ سوائي برڪت ٿيندئي“

”قبلا سائين اِھا”سوائي برڪت“اوھان ۽ ماچي فقيرن کي الله بخشي ڏي، شاھ صاحب ھڪڙي ڳالھ چوانو دل ۾ تہ نہ ڪندئو...؟“

”نہ پائڙا نہ !پلا مريدن جي ڳالھ دل ۾ ڪبي آ ؟“

ڪير واري ڪير جا دٻا بند ڪيا موٽر سائيڪل تي چڙھي وينو، ڪِڪِ لڳائي، گاڏيءَ جو تيل وڌايائين گيئر اڳتي وڌائي ۽ ڪلچ کي پڪڙي شاھ کي ڏنائين.

”قبلا اھا سوائي برڪت اسان جو سر ڪٽندي، باقي ھڪ ڳالھ پڪي آھي تہ جيڪڏھن اوھان جھڙا شاھ ھوندا تہ مريد بہ ماچي ھوندن.“

ڪير واري ڪلچ کي ڍرو ڪيو تہ موٽر سائيڪل اڳتي رڙھي وئي پويان شاھ صاحب موٽر سائيڪل جي ڌڌڙ کي تڪيندو رھجي ويو.

## ڪرڙي سِرَ

اوسطي چيو:
" مون ساڳيءَ چيڪي مٽيءَ مان اها سرَ ناهي هئي، جنهن مان ٻيون سرون ناهيون هيون، مون ساڳي ئي قالب ۾ اها سر ناهي هئي، جنهن مان ٻيون سرون ٺهيل آهن."
ٻني مالڪ ٻڌايو:
"مون سرن لاءِ ساڳي ڪارخاني تان ٽوٽڙ گهرايا هئا ۽ ساڳين ئي مزدورن آوي دڪائي ۽ ڪولي هئي، هن سر جي پرسان واريون سڀ سرون نيڪ طرح پچي ويون پر اها الائي ڇو ڪَرڙي ٻڻجي وئي."
ڳوٺ جي مسجد نهي تي، رازو ڊي پي سي مٿان پٽ ڪٽي رهيو آهي، ڪجهه همراهه تغاري جي ٻلي آهن، ٻه مزدور سيمينٽ ۽ بجري ملائي رهيا آهن ۽ ڪجهه نمازي سرون ڍوئي رهيا آهن.
مسجد جو پيش امام اتي ٻيٺو نگهباني ڪري رهيو آهي.
رازو هڪل ڪندي سيمينٽ ۽ بجري ملائيندڙن کي تکڙو ڪم ڪرڻ لاءِ چوي ٿو.
پيش امام جي ٻاجهه ڀريل نظر انهن تي پوي ٿي ۽ انهن کي چوي ٿو: "ابا ثواب جو ڪم آهي، جيترو تڪڙو ڪندئو اوترو ئي وڌيڪ ثواب ملندو."
سرون کڻندڙ نمازي چون ٿا:
"ابا! اسان ته ثواب خاطر ڪم پيا ڪريون، مزدوري به نه وٺنداسين."
سرون کڻندڙ ٻئي نمازي جي نظر ڪَرڙي سِرَ تي پوي ٿي، هڪل ڪندي پيش امام کي ٻڌائي ٿو:
" سائين ٻني وارو مسجد جي ڪم ۾ به نه مڙيو ڪرڙي سر موڪلي اٿئين."
" بس سائين ڪمائڻ جي ڀِٽَ ڀيل اٿن، پوءِ ته ڏسن ئي ڪونه ٿا." رازي طرفداري ڪندي چيو.
پيش امام مسڪرائي سيني ڏي نهاري ٿو، سمجهائڻ واري انداز ۾ رازي کي چوي ٿو:
" استاد! خيال سان اوساري ڪجان ، ڪرڙي سر جو خيال رکج، مسجد جو ڪم آهي متان عيب تي پوي."
"سائين! مان پاڻ ئي ڪرڙي سر ناهيان هڻندو، اگر ڪو مٿي اچلي به ڏيندو آهي ته تيجيءَ سان پيچي پور ڪري هيٺ اچلي ڇڏيندو آهيان.......... ۽ ٻيو ته هي مسيت جو ڪم آهي مان ته ڪنهن جي پٽ ۾ به اها سر ناهيان هڻندو."
سڀ هڪ ٻئي مان مطمئن ٿي ٻيهر ڪم ۾ جنبي ويا.

نهندڙ مسجد پرسان هڪ گهر ۾ ـــــ
” توڪي اجا ڪيترو سمجهايان ته تون ڪو ڪم ڪار چو نٿو ڪرين!؟“
پيءُ پهنجي پٽ کي ڪاوڙجندي چيو،” سجو ڏينهن ننڊ پيو آهين............ اٿئي ڪا غيرت ؟“
”بابا، چيم نه، ته، ڪم جي ڳولا ۾ آهيان.“
”خاڪ ڪم جي ڳولا ۾ آهين! پنهنجن لباڙي يارن سان رلي رلي رات جو ٿو گهر موٽين .“
” بابا ! مان انهن سان گڏجي ڪنهن نه ڪنهن ڪم جي ڳولا ۾ ويندو آهيان.“
” تون نڪمو آهين ، اٺي تي چٽي آهين.“
”بابا..................!!؟“
” ناهيان مان تنهنجو پيءُ.......... ۽ نه ئي ڪو توسان واسطو اٿم.“، پڙس جلاوت ڏيندي چيس،” تون منهنجي گهرَ جي پتين ۾ لڳل هڪَ ڪَرِڙي سِرَ آهين.......! ........... ناهين منهنجو پٽ ! “
پرسان هڪ گهر ۾ هڪ ڪراڙي چلهه ٺاهي رهي هئي.
ننيڙن ٻارڙن کي سڏي چيو:
” ٻچڙا! جلدي وڃي ٻاهران ڪا سِر ته ڪٽي اچو، ڪرڙي هجي ته ڏاڍو ڀلو، اها نياڳي ٻاهر جي پڪي آهي..... مونکي به چلهه ۾ هڻڻي آهي.“

# چيرو

”نه ڇڏيس!افت مار نياڳي کي“
ڪٽ تي وينل منهنجي ڏاڏي جو ائين چوڻ ۽ چاچا جو اٿي ڪمري ڏانهن بندوق ڪڍڻ لاءِ ڊوڙپائڻ.
”صفا نياڳو آهي،جنهن جي گهر جي پت تي ويهي معنٰي ڪنهن نه ڪنهن جي حياتي پوري ڪري!“
ڏاڏي منهنجي ٽپيل ٽڙ تي زور ڏيندي چيو.

”ابا!ڪلهه ڏنيءَ رجب جي گهر کي باهه وڪوڙي وئي.در تي ڪو مينهن لاءِ پلال رکيو هئين،لڳي جو پلال کي باهه  ته،گهر به سڙي ويس،ڄ.......ڄُ.......ويچاري جي ڇهن ورهين جي نياڻي به جيئري سڙي وئي“.

باهه جا چولا منهنجي اکين مان لڙڪ بڻجي نڪري آيا.

”ابا پٽي هوندي  پاڙڪنهن موالي جي،دکيل سگريٽ يا بيڙي  اڇلي هوندئين پلال تي ۽ سڙيو هوندو گهر“بخار جو  سور سگريٽن جا ٽوٽا بڻجي منهنجي بدن کي چنبڙي ويو.

”اَبا!چون ٿا ته ٿن چئن ڏينهن کان چهرو سندس گهر جي مٿان لنگهندڙ بجلي جي تارن تي ويهندو رهيو هو“.

ڏاڏي اهو چوندي منهنجي بخاريل نرڙ تي زور ڏئي رهي هئي.

چاچو ڪونئ مان بندوق ڪڍي آيو.ڪارتوس وجهي نشانو جهليائين ته چهرو نم تان اٿي بجلي جي تارن تي وينو.چاچا بندوق سڌي ڪندي ٽرئگر کي زور ڏنو.فائر ٿيڻ کان اڳ چهرو اڏامي ويو.

”وڏو نياڳو پکي آهي.تنهنجي ڏاڏي جي حياتي به هن نياڳي جي ڪري وئي،هر رات اچي هنن بجلي جي تارن تي اچي ويهندو هو،تنهنجو ڏاڏو به پندرنهن ڏينهن کٽ تي بيمار پيو هوءِ هي نياڳو به پندرنهن ئي راتيون اچي تارن تي ويهندو هوءِ پوءِ تنهنجو ڏاڏو“.........

ڏاڏي پهرين آلي ڪپڙي سان لڙڪ اگهيا ۽ پوءِ پنهنجا.

ياد اٿئي تون ان وقت ستن سالن جو هوند هئين ته تنهنجو ڏاڏو  تنهنجا ٻئي ڪن پڪڙي توکي چوندو هو ته ست ڪراڙا سلي ڏينڊينس، ته پوءِ هو ڪن مان هٿ ڪڍندو،۽ پوءِ تون شروع ٿي ويندو هئين علي مراد ،سبزل،حبن،ٿوهه،دلمرادءِعبدالغني ۽ ستون نالو تون هن جو پنهنجو وٺندو هئين...۽ پوءِ هو تنهنجي ڪنن کي جيپٽ ڏيئي چوندو هئي ته هو تنهنجي ڪنن کي ڏري يا پيهي! ۽ پوءِ تون روئڻ جون تياريون ڪندو  هئين ته هو توکي ياکر ۾ پري چوندو هو ته اڙي بابا!شهزادو روئي پيو“

چاچو بندوق کڻي واپس وڃي ڪونئ ۾ رکي آيو”اَبا نياڳو اڏري وئيي نه“! چاچي جي ڪونئ مان نڪرندي ئي ڏاڏيءَ چيس.

چاچا هاريل جواريءَ جيان منهنجي پرسان اچي کٽ تي ويهي”رهيو.

”بخارنه ٿو لهيس چا“

”ڪلهه جو رجب جي گهر کي  لڳل باهه ڏسي آيوآهي ته اهو تپ چڙهيو اٿس،هر لهيس ٿو هر ته هر“ تاندا“تي ٿو وڃي ڏاڏي منهنجي مٿي تان آلي ڪپڙي جي پٽي رکندي چاچا کي

چيو.
مونکي محسوس ٿيو ته آلي ڪپڙي جي پٽِي نه پر ڏاڏيءَ رجب جي ڇهن ورهين جي ٻاهه ۾ سڙيل ڌيءَ جو لاش منهنجي مٿي تي رکيو هجي.
”اَمان!ويچاري سان ٿيو ٻه ظلم آ.......معصوم ڌيءَ جيئري سڙي وئي اٿس.“
”اَبا !رب ،ٻاهه ڏيندڙ جي گهر کي ٻاهه ڏئي.شل پاڻ ان ٻاهه ۾ ائين سڙِي جيئن رجب جي ڇهن ورهين جي ڌيءَ سڙي مُئي“!
مونکي محسوس ٿيو ته مان رليءَ تي نه پر ٽانڊن تي ستو پيو هجان ،منهنجي مٿي تي ڏاڏي جو هٿ نه پر ٻاهه جو شعلو هجي،!مان ڪنهن کٽ تي نه پر آڙاهه ۾ ليٽل هجان.
”امان!وڃان ٿو رجب وارن ڏي،تڏي تي ويهڻ، ڪلاڪ ٻن ۾ موٽي ايندس“!
”ابا گهر موٽجان!اتي سمهي نه رهجان!ڇوڪرو ٻه بيمار آهي،مونکي ٻه ننڊ پئي اچي“.
چاچا جي گهر کان ٻاهر نڪرندي ئي ڏاڏي منهنجي نرڙ تي هٿ رکيو،جيڪو پگهر ۾ آلو هو.آلي ڪپڙي سان منهنجو پگهر اگهيائين.
”ٻخار آ،غيبات آ،!منٽ ۾ لهي ٿو منٽ ۾ چڙهي ٿو“!
ڏاڏي پگهر اگهي ،منهنجي پيرن مٿان چادروجهي پرسان واري کٽ تي آهلي پئي.
رجب جي گهر کي وڪوڙيل ٻاهه منهنجي بدن کي وڪوڙي وئي.
ڪالهه اهو سڀ ڪجهه بادل جي ڪري ٿيو.بادل جهڙو ٽرو موالي اسان جي ٽولي ۾ ئي ڪونهي،سلفيءَ جي ڦوڪ پريندينڊو ۽ نوڪي ڪنهن نه ڪنهن کي گار ڏيندو ۽ آهي ٻه توائيباز،ڪو ڳالهه دم نه پٽيندو،سدائين شر مغز ۾ هوندو اٿس،پنهنجي انهيءَ طبع جي ڪري ڪيترائي”ڪارنامه“ٻه سر انجام ڏئي چڪو آهي شل
ڪنهن سان ٻه ڏند چڪ هوندس ته ان جي فصل کي ٻاهه ڏئي ويندويا ڪنهن ٻئي طريقي سان ان کي نقصان ڏيندو.
ڪالهه ٻه اسين ٻئي نشي ۾ ٽُن رجب جي گهر واري گهٽيءَ مان اچي رهيا هياسين ته بادل جي نظر وڃي رجب جي ڪکا ئين گهرجي در تي پيل پلال تي پئي.
”سهڻا اهو رجوءَ جو پلال آهي نه.“
”گهر انجو آهي تي پلال ٻه ان جو ئي هوندو“!
”سهڻا،اهي حرامي ڦر مغز چٽي ويا آهن“!
بادل رجب جي گهر جي درپرسان پاٽي جي ڏٻي ۾”ٽان ٽان“ڪندڙڏيڏر کي پوندا ڏيندي چيو،
مون ٻه ڪنڌ ڌوٽيو،وري بادل چيو:

”سهڻا رجو ڪلهه مئخاني تي چا پيو چئي توکي“!

”چئي پيو نشو ڪرڻ ڇڏي ڏي،تنهنجا وڏا ڪيڏا شريف آهن ۽ تون اچي ڪريو آهين“!

۽ ائين به چوئي پيو ته،منهجي نالي تي بادل حراميءَ سان سنگت نه رک نه ته بڇڙو ٿيندين........

هو ڪير ٿيندو آ توکي جهلڻ وارو!تنهنجو ڪو ابو ڏاڏو آ؟اڙي اگر غيرت اٿئي ته ڏئينس پلال کي باهه ته خبر پويس!پاڻهي پلال لاءِ پنندو ته سيني مائٽن جي خبر به پئجي ويندس.“

بادل ماچيس مون ڏانهن اڇلائي ڇيو.

مون ماچيس جي ننڍڙي دٻيءَ کي کولي،ان مان تيلي ڪڍي پوءِ ان کي ماچيس جي رغن تي مهٽيو،تيلي ٻري پئي،۽ ڪجهه لمحن ۾ پلال پلال پيڙ ڪري ٻري اٿيو،ڏسندي ئي هڪ اُلانيو اڏري وڃين رجب جي ڪکائين گهر مٿان پيو،اسن ٻئي ڪسڪي نڪري ويا سين،

”اَبا هن دفعي نه ڇڏجانس،نياڱو وري موٽي آيو آهي“!

گوڙ تي منهنجي ننڍ اک کلي ڏاڏي منهنجي چاچي کي چئي رهي هئي،”ابا خيال سان مٿان اڏري وڃئي.“

مونکي منهنجو جسم ان چٻري ڪان وڏيک نياڱو لڳو،مرڻ ته مونکي ڪپندو هو،نياڱو ته مان آهيان،پکيءَ ڪهڙو ڏهه ڪيو.ڏهي ته مان آهيان ڪاش!مرڻ لاءِ پکيءَ جو نه پر منهنجو ڊِير هجي ها.

هڪ فائر ٿيو ۽ چٻرو اچي تارن تا هيٺ پٽ تي ڪريو.مونکي محسوس ٿيو ته چٻرو نه پر منهنجو روح زخمي ٿيو هجي.جڻ ته مان ڦتڪي رهيو هجان.

چاچا فاتح بڻجي اچي کٽ تي وينومس پريان مينهن جي واڙي مان چاچيءَ دانهن ڪندي، پوريءَ مينهن ڏي اشارو ڪيو.

چاچا ۽ ڏاڏي ڊوڙندي اچي مينهن جي واڙي ۾ پهتا،جي پوري مينهن ڇڙهيون هٽي رهي هئي،چاچا هڪل ڪندي چاچيءَ کي ڪاتي آڻڻ لاءِ چيو،پر ڏاڏي روڪي ورتو“

ابا مينهن پٺاري پنهنجي سهٽي مٿان صدقو ٿي وئي“

مون محسوس ڪيو جڻ پوري مينهن پَٽ تي نه پَر منهنجي مٿان ڪري پئي هجي.

”ماڻهو پنهنجون حرام پايون لڪائڻ لاءِ پکين ۽ جانورن ۾ چو لڪندا آهن“

ڪرب مان،مان پنهنجون اکيون پوريان ٿو،جتي چٻرو ۽ مينهن مونکي مارڻ لاءِ مون ڏي

ٻوڙي رهيا آهن.

# بي رنگ انڌلٺ

صبح جو پهر هو،گهٽيءَ ۾ مني ٻه ماٺ ته مُني ٻه ماٺ هئي.وڏڙا آفيس ڏي وڃي چڪا هئا ۽ ننڍڙا اسڪول،باقي رهيون مايون سي گهر ۾ ماٺ ڪري ٿانوَ ٻهاري ڪري رهيون هونديون مان اڻ ڏٺل پر ٻڌل شخص سان ملڻ وڃي رويو هئس،هن جو چهرو تصور هيٺ آندم،ڪو خوبصورت شهزادو اکين اڳيان تري بيٺو.ڪنڌ کي جهٽڪو هڻي خيال ختم ڪيم.اڳيان هن جو گهر هو،در تي بيل ٻه نه هئي .مجبورن هٿ سان ٺڪ ڪڙڪائڻو پيو،ڪڙڪائيندي ٽڪجي پيس پر هن ڪو ٻه جواب نه ڏنو.ڇا مسئلو هو،هو رهندو ٻه بيچلر هو،اندر ٽپي پيس،در جي ڪاٻي پاسي ٽن دروازن سان ٻه ننڍڙيون ڪوٺيون نهيل هيون،جن تي اڇي ڊسٽمبر سان رنگ ٿيل هو،مٿان اڇي رنگ تي وڏن اکرن ۾”لائيٽ هائوس“لکيل هو.

مون محسوس ڪيو ته مان بلڪل صحيح ماڻهوءَ ڏي وڃي رهيو هئس،ڪشادي گهر۾ فقط ٻه ڪمرا هئاءِ ٻنهي جا در کليل هئا،حيرت ٿي ته گهر هو يا مسافر خانو،

هڪڙي ڪمري ۾ اندر نهاريم،کٽ تي ڪو اگهور ننڊ پيل هو،اندر ٽپي پيس،هو وهاڻي کي ٻاکر ۾ ڀري ڪلي رهيو هو،

شايد ڪو”خوبصورت خواب ڏسي رهيو هو،مون ڪنکر ڪئي ته ٻه هو غش هو،مون پرسان پيل گلاس کي هٿ ۾ ڪٽي هيٺ فرش تي اڇلايو،هن جي منهن تي سونڊ جا نشان اڇي ويا.اوچتو ئي وڏي رڙ ڪري اٿي پيو.مونکي ڪمري ۾ ڏسي وائڙو ٿي ويو”تون آفت خان آهين؟“!

”نه مان شربت خان آهيان.“

”تون آفت خان آهين منهنجي محبت جو دشمن تون انسان چوائڻ جي لائق ناهين! مان توکي نه ڇڏيندس“

”او خدا جا ٻندا مان شربت خان جو پٽ“

”.......ته پوءِ آفت خان ڪاڏي ويو؟“

”استاد ڪهڙو آفت خان؟“

”آهي هڪڙو ڪدڙيءَ جو اولاد،منهنجي محبت جو دشمن،مان ڪيڏو خوبصورت خواب ڏسي رهيو هئس،مان ايشوريا هڪڙي هوٽل ۾ ڊنر ڪري رهيا هياسين ۽ گڏ گڏ منيون منيون ڳالهيون هوءَ مون ڏي سري رهي هئي ۽ مان ڏانهنس،پوءِ اچتو آفت خان اچي ڪڙڪيو.مون تي نظر پيس جڻ ڪاري تي نظر پيس، ور مان پستول ڪڍي گولي فائر ڪيائين ،جيڪا ايشوريا کي لڳي ،مون وڏي رڙ ڪئي تہ اکيون کلي ويون....پر تون ڪير آهين؟!“

استاد مان اوهان جو شاگرد ٿيڻ آيو آهيان،مون کي منهنجي دوست ”ڦتاڪي“ توهان ڏي موڪليو آهي“

”اچا.....منهنجي ناشتي لاءِ ڏوڪڙ آندا اٿئي!؟

”استاد حڪم ڪر چا وٺي اچان؟“

”ہ پرانا هڪ چانهہ ۽ هڪ پشوري نسوارونی اچ،جيستائين مان لائيٽ هائوس جو خيال لاهي اچان.“

”جو حڪم منهنجا استاد“

تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيس،سوچيم تہ پهرين پشوري نسوار وٺان.جيئن گرم گرم پراٺا استاد کي کارائي سگهان،نسواري واري پناڻ نئين نئين مانڊڻي کولي هئياجان چند ڦوڪ ڪري رهيو هوجو مان سلام ورايو مانس.

”عليڪم سلام !جوان چا ڪپئي؟!“

”لالا!پشوري نسوار ڏي هڪڙي“

”جوان مون کي تو ۾ اهي جوهر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن،جيڪي نسوار ڏيندڙن ۾ هوندا آهن.“

”لالا!چو پشوري نسوار جا موالي اڏامندا ايندا آهن چا؟“

اڙي او جوان!تون اجان ڪير پياڪ گگدام آهين،تو کي پارس جي ملهہ جي کهڙي خبر!.

”لالا نسوار وري ڪڏهن پارس تي وئي آهي؟“

”اڙي جوان !اڄ ڪلهہ جوان نسوارتي ناز ڪن ٿا.“

”لالا اهو وري ڪئين!“.

”ڏس!توکي مون چيو نہ تہ تون ڪير پياڪ گگدام آهين.....“

”لالا هاڻ يلا نسوار ڏي تہ مان وڃان“

”چگو هي وٺ“

آئون نسوار وٺي پراڻن واري ڏانهن روانو ٿيس.
”هائو سائين،گهڻا پراڻا تنهنجي لاءِ لڳايان“
پناڻ مون کي چيو.
”هڪڙي ڳالهه ٻڌاءِ،تنهنجا پراڻا ڪائي گهڻن ماڻهن انقلاب آندا آهن.“
”سائين،سڀ کو ڪائيندو آهي، اسان کي انقلاب جي ڪهڙي خبر.“
مان پنهنجي ئي سوال تي دل ۾ لڄي ٿيس،هن کي ٻه پراڻا چئي ڪائونٽر تي وڃي پارس چانهه جو آرڊر ڏنم،ڪجهه ئي لمحن ۾ گرم چانهه جي ٿيلهي ۾ گرم گرم پرنا ڪٽي استاد جي گهر پهتس.استاد لائيٽ هائوس مان وهنجي تيار ٿي نڪتو هو ۽ وارن کي ڦڻي ڏئي رهيو هو.
”ڏي خبر شربت !ويهه پنجويهه رپيا خرچ لڳي ويئي نہ!“
”استاد اهي ٻہ ايندي ويل فقير جا کنيا هئم.“
”تون تہ گهران ناشتو ڪري آيو هوندين ....ان لاءِ هاڻي ويهي منهنجا گهره ڳڻ تہ مان ناشتو ڪري وٺان.“
”استاد تون ڪڏهن کان نسوار ڏيندو آهين!؟“
”تقريبن ڏهہ سال ٿي ويا آهن“
”استاد پوءِ تون گهڻا ميدان ماريا آهن؟“
مون ميدان ماريا ناهن پر ڏنا آهن“
”استاد ٻيو توهان جو عظيم ڪارنامو،جنهن کي دنيا ياد ڪندي هجي.“
ها“هٽلر کي مون پڃائي ڪڍيو،هو۽پڃائي پڃائي ماري ٻہ ڇڏيو هو مانس.“
”استاد اها توهان جي همٿ هئي يا پشوري نسوارجو ڪمال هو“.
”اڙي چريٿ شربت!نسوار رڳو جذبو ڏيندي آهي،ڪم انسان پاڻ ڪندو آهي.“
استاد!مطلب تہ سڀ انقلابي نسوار ڏيندا آهن.“
”شربت!ڇا سبب آهي ،مونکان اهو سوال پهرين ڏينهن ڦڻاڪي ٻہ پڇيو هو.“؟
”استاد ڦڻاڪو اوهان جو پڪو شاگرد آهي يا اڌ ۾ ڀڄي ويو هو“؟
”شربت!وڻ ميوي کي تڏهن پٽ تي ڪيرائيندو آهي،جڏهن اهو پچي راس ٿي ويندو آهو،هو مون سان ايترو تہ سچو آهي جو توکي مون ڏانهن موڪليو اٿائين.“

”استاد ڦتاڪو منهنجو دوست آهي پر هڪڙي عادت صفا ڪني اٿس،چوڪري ڏسي يا سهڻو چوڪرولائين ضرور ملائيس،چيو مانس ته سڀ ماڻهو ان لائن جا نه هوندا آهن،ته مجو هئائين ته سڀ ماڻو ان لائن جا نه هوندا آهن.پر چيو هئائين ته پڇڻ ته اسان جو فرض هو.“

هڪ ڏينهن پڇو مانس”ائين چو ڪندو آهين؟“

چيو هئائين”زندگي اندلٺ آهي“، جنهن ۾ سوين رنگ آهن،هر رنگ جي پنهنجي انفراديت آهي،زندگيءَ جي اصل رنگن ڪي پرکڻ لاءِاهو ئي بهترين طريقو آهي،ته يا ته ماڻهو چريو ٿي گهمي يا عاشق مزاج.“

”شربت!واقعي اهو سبق ڦتاڪي ڪي مون ڏنو ته زندگي  هڪ اندلٺ آهي،جنهن ۾ سوين رنگ آهن،چو جو ڦتاڪو مونسان ڪوڙ نه ڳالهائيندو هو،جنهن ڳالہ جي ثابتي ڏيڻ چاهيندو هو ته ڳالهه ڪان اڳ قسم ڪٽي چوندو هو ته استاد گرين پارڪ ڪان وني گاردن تائين ۽ گاردن ڪان وني سفاري پارڪ تائين سيني رهندڙ سهڻن جو قسم .....پر يار شربت!زندگي ڦتاڪي لاءِ اجا بہ رنگ برنگي اندلٺ آهي پر منهنجي لاءِ زندگي اهي رنگ وِجائي چڏيا آهن.منهنجي لاءِ زندگي بي رنگ اندلٺ بڻجي وئي آهي.“

”حڪم ڪر استاد رنگن جو ڊبو وني اچان.“

”تنهنجو نالو ئي شربت آهي،تون زندگيءَ جي ڪوڙاڻ ڪي نه سمجهندين!“

”استاد منهنجي پيءُ جو نالو ڪوڙو آهي.“

”شربت تنهنجي پيءُ ساري حياتي ڪوڙاڻ  ڏني هوندي،تڏهن ته تنهنجو نالو شربت رکيو اٿس.“

”نہ استاد مونکي منهنجي ماءُ ٻڌائيندي آهي ته چنيءَ جي ڏينهن مني پت ۾ ساندي ڪري پئي هئي،ان ڪري پت جو ديڳڙو باهر اڇلائي آيا هئا ۽ ٻيا چانور نه هجڻ جي ڪري چنيءَ جي ڏينهن شربت ورهايو هئائون،ان جي ڪري منهنجو نالو شربت خان مشهور ٿي ويو.“

”شربت ڪڏهن عشق ڪيو اٿئي؟“

”استاد ان جي ڪري ته تو وٽ آيو آهيان ته جيئن عشق جو فلسفو سمجهي سگهان“

”پلا!ڪنهن سان پيار ڪيو اٿئي؟“

”استاد پلا عشق ۽ پيار ۾ بہ فرق هوندو آ چا؟“

”شربت!پيار هڪ ننڍڙو جذبو هوندو آهي،باقي عشق سمنڊ اٿئي.“

”استاد!لڳي ٿو تہ عشق فقط ملاح ڪندا هوندا،سمندسان،باقي ٻيا اڻ تارو ڪيئن ۽ ڇو ٻڏندا.“

”شربت!اهو عشق ئي تہ آهي جنهن منهنجي رنگ برنگي اندلٿ ڪي بي رنگ بڻائي ڇڏيو آهي.“

”استاد پلا اهو عشق ڪيئن ٿيندو آهي؟“

”شربت جڏهن پيار جون منزلون پوريون ٿينديون آهن۽ پوءِ بہ دل ”ڪامان،پڇان،پڇران،لڇان۽لوچان.......تن تنئوس پرينءَ جي پيان نہ ڍاپان،جي سمنڊ منهن ڪريان تہ سرڪائي نہ ٿئي.“

چوي تہ سمجهہ عشق شروع ٿي ويو.“

”استاد مونکي سيني سنڌي اخبارن،رسالن ۽ چئنلن جا نالا ياد ٿي ويا آهن پر پوءِ بہ گهر وارا چوندا آهن تہ مونکي هر ڳالهہ دير سان سمجهہ ۾ ايندي آهي.“

”هائو يار شربت، اهڙي غلطي مونکان بہ ٿي وئي هئي.“

”اها وري ڪيئن استاد؟“

”هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي،جڏهن ڦڻاڪو مون سان گڏ هوندو هو ۽ اسان ڪمپيوٽر جي ٽيوشن وٺڻ لاءِ ويندڙ ڇوڪريءَ کي تنگ ڪندا هئاسين،هڪ مهيني جي جفاڪشيءَ کان پوءِ مس وڃي ڇوڪري مرکي ڏٺو هوءِ ڦڻاڪي کي سڏيو هئائين ۽ پڇو هئائين،

”توهان ڪير آهيو ۽ ڇا ٿا چاهيو!؟“

”مان ڦڻاڪو آهيان ۽ هو منهنجو استاد آهي.“

ڦڻاڪي ٻڌايو هئس.”چڱو پنهنجي استاد کي چئو تہ سڀاڻي مون سان ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ملي“

ائين چئي اهوءَ هلي وئي هئي.

ٻئي ڏينهن مان ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ويو هئس،هوءَ اڃان نہ آئي هئي،اتان جي ائڊمنسٽر مون کي جو وائڙو ڏٺو تہ پاڻ وٽ سڏائين.

”داخلا وٺڻ آيا آهيو!؟هن پڇيو هو.

”ها.“گهٻرائجي چيو هئم.

”ايم آفيس جو ڪورس ڪندئو.گرافڪس جو يا انٽرنيٽ جو؟“هن پڇيو هو.

”ڇوڪريون ڪهڙو ڪورس گهڻوڪنديون ؟“

آهن.”مون پڇيو هومانس.“

”ڇوڪريون تہ اڪثر انٽرنيٽ جو ئي ڪورس ڪنديون آھن.....اوھان بہ اھو ئي ڪندو؟“
مان اجان ٻڙڪ ٻوليان ئي ھان جو اھوءَ اچي وئي،مونکي ڏسي ٻاھر اچڻ جو اشارو ڏنائين،ٻاھر نھيل سيمنٽ جي ڪرسين تي وڃي ويٺي.
”تنھنجو نالو ڇا آھي ۽ تون مون مان ڇا ٿو چاھين؟!“
مان پروانو آھيان،شمع جي ڳولھا ۾ آھيان،مان اجارو پکي آھيان،ڍنڍ جي ڳولا ۾ آھيان،مان تر_تتو آھيان،وسڪاري جي ڳولھا ۾ آھيان“
جملي بازي ڪندي چيو ھئم.”جيڪڏھن راھ پليل آھين تہ واھرو ڪان گس پڇ،جي اجارو آھين تہ پٽائيءَ ڏي ڏس:
ڪامان،پچان،پڄران،لچان ۽ لڇان، تن ۾ تنئوس پرينءَ جي،پيان نہ ڍاپان.
جي سمنڊ منھن ڪريان تہ سڪرڪيائي نہ ٿئي.
”منھنجي تڙپ بہ ڪجھ اھڙي آھي.“
”مون ڪي وٽ تي بيھي نھارڻ وارن ۾ ڪو ويساھ ناھي،اھي محبت جي بہ ميم ڪان اڻ وقف ھوندا آھن.“
”جيڪڏھن گھر ويٺي ليلا ملي ھا تہ مجنون در پدر نہ ٿئي ھا.“
”مونکي انھن غير حقيقي ڪھاوتن سان ڪابہ دلچسپي ناھي،مان فقط حال ۾ رھندو آھيان.“
”توھان جي ان حال اسان کي بيحال ڪري ڇڏيو آھي“
؟پروانا!!“ھوءَ چپ ٿي وئي ھئي.
شربت اگر مان واقعي پروانو ھجان ھا تہ ھن جي ائين پروانا پڪارڻ تي فدا ٿي وڃان ھا.
.......ءائين اسان جون ملاقاتون روز جو دستور بڻجي ويون،اھوءَ مونکي مجاز مان ڪدي حقيقت ڏانھن آڻڻ چاھيندي ھئي.۽ مان حقيقت ڄاڻندي بہ مجاز طرف ايندو ھئس.
انھن ڏينھن ۾ ڦٽاڪو بہ مونکي ڇڏي ھليو ويو ھو.
ھڪ ڏينھن مون اڪيلائيءَ ۾ مون ھن جي ھٿ ۾ ھٿ ڏيڻ گھريو ھو،ھن ڏينھن اھوءَ ڪاوڙجي ھلي وئي،ھئي ۽ ھن مونسان ٿي ڪلاڪ فون تي ڳالھايو ھو ۽ آخر ۾ ائين چئي فون بند ڪري ڇڏيو ھئائين تہ نندڙن ٻارن وٽ پارس جو ملھ ڪنھن بلور کان وڌيڪ نہ ھوندو آھي.“

اهو ڏينهن هي ڏينهن مون وري هن کي ناهي ڏٺو،خبر ناهي هوءَ مونکان ڪيترو پري هلي وئي آهي...۽ هاڻي جڏهن حقيقت کي سمجهي رهيو آهيان ته مونکي اهوءَ واهرو جيان تي لڳي،هاڻي فقط زندگيءَ جي اندلٺ بي ينگ ئي بچي آهي.“
”پر استاد صبح وارو آفت خان ورارو مامرو!“

”ها يار شربت!ڪڏهن ڪڏهن خوبصورت خواب جي ذريعي دل خوش ڪري وٺندا آهيون،پر پر يار شربت هاڻي تنهنجي مرضي ته تون زندگيءَ کي رنگين بڻائين يا بي رنگ اندلٺ.

## تيرهون مهينو

کي ڏهه دفعا ٿيا هوندا جووڏي پاءُ کي جهليو هوندم ته هر هر مونکي اگهاڙي منهن تي پوندو نه ڏيندو ڪري،پر هر ويلي ان جو جواب اهو ئي هوندو آهي ته اڳلي دفعي رومال منهنجي منهن تي رکي پوءِ پوندو ڏيندو.
منهنجو منهن ڪٽي ڪارو آهي ته جا تي پيو اندر ته صاف آهي ماٺهو ته منهن جا اجرا ۽ اندر جا ڪارا هوندا آهن.جڻ ڪنهن اچي صاف ڪپڙي ۾ گند بڌل هجي.
ائين ڪلهه ئي هڪ وڏيري جي مال لاءِ سيٺ جي دڪان تان ڪٽيءَ جا ٻه ڳاڏا مان ۽ جلب ڪرائي سان ڪاهي وياسين، وڏيرو ٻه ڪو تازو چڙيل هو، اسان جي واڙي ۾ نهيل ڪوٺيءَ ۾ ڪٽي لاهڻ ۽ هن جو شروع ٿيڻ...ڳارين جي ڪا ڳوڻ پريل هئس، شروع ته ٿيو پر بس ئي ڪونه پيو ڪري، مان ته سوچ ۾ پئجي ويس ته نياڳي کي وات صاف ڪرڻ لاءِ پنجويهه فٽ ڊگهي نر جا ڏندڻ کپن تڏهن ٻه شل وڃي وات صاف ٿئيس.
”اڙي دانگي مليانوَ!ڪوٺيءَ ۾ ڪٽي چو تا لاهيو؟ڪمدار باقي توهان جي فلاٽي تي سمهندو جا ؟“وڏيرو گرجندو اچي پهتو.
”پوتار ڪمدار ئي ته چيو آهي ته ڪٽي ڪوٺيءَ ۾ لاهيون .“جلب ٻڌائيس
”ان جي فلاٽي کي فلاٽو !“وڏيرو گجندو اوطاق ڏي هليو ويو، ڪجهه گهڙين ۾ ڪمدار ائين ڊڪندو آيو جڻ وڏيري منهن تي کي ٽيهه پنجويهه پوندا ڳسايا هجنس.

”اڙي وڻو ڪرائي جا پئسا !لاهيو ڪٽي ۽ ڪسڪو!“
ٻاهر نڪري آياسين تہ جلب چيو،”وڏيرو هو يا مئل گڏھ،رڳو ڏپ ئي ڏپ هيس.“
مان ۽ جلب بلڪل ائين جيئن چندو چندي ڪي سئو ڪوهن تي ڳولي لهي ، آهي تہ جلب بہ مشڪي پر مونکان ٿورو گهٽ ، پر هڪڙي عادت صفا ڪني اٿس مان جڏهن بہ ڦڪا پڳڙا وٺي ڪائيندس تہ هو نڪ مان ڦڪن پڳڙن جيترا گينگا ڪڍي منهنجي آڏو رکندو آهي،مونکي بہ مجبورن پنيرو ٿي ڪاٽا پوندا آهن الائي ڇو اسان جو نصيب بہ هوائي.آهي لڳو تہ لڳو نہ تہ قاتل وڳو.
ايڏي تہ فشري ٿي جو گهٽيءَ گهٽيءَ ڳوٺ ڳوٺ نالو مشهور جتي ڊاٽسن وڃي، ٻار ايا بينا چون ڪاري ڪوئل اچي وئي! روز روز جي فشري ڪان تنگ اچي ڊاٽسن جي مالڪ هڪ شام جو ڊبل پتو ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن ڪان نہ اچڻ جو چيائين ٻئي ڏينهن وڏي ياءُ سان ڳالهہ ڪئي تہ پوندو نڪ تي مهتي چڏيائين بہ منٿ بيهي وري الائي ڪهڙو پور پيس ٻيو پوند بہ گسائي ڏنائين چوڻ لڳو.
تنهنجو ڪهڙو منهن ڪارو ڪيان اهو تہ تنهنجو اڳيرَ ئي ٿيل آهي نياڳا جتي بيهاريندءِ تو اتان پڳو تو اچين!
مان ڪٽي پاڻ آيو آهيان، مالڪ پاڻ ڪڍي ڇڏيو آهي تو ۾ جي افعال ڏسي ها تہ چو ڪڍي ڇڏي ها!
مان ڇا ڪيان منهنجو نصيب ئي اهڙو آهي لڳو تہ لڳو نہ تہ قاتل وڳو
.........هاڻي ٻڌ!گڏھ گاڏي جي جوٽ وٺي ڏيان تہ اڏي تي مزدوري ڪر.
جيڪا تنهنجي مرضي وڏي ياءُ ڪي ٽنو ڪري ڇڏيم ٻئي ڏينهن وڏي ياءُ هڪ جڳاڙي جوٽ وٺي ڏني گاڏو بہ پڳل هو گڏھ جهڙو اڌ مئو،بس مڙئي جهڙو تهڙو روزگار ڪندو هئس.اتي ئي اڏي تي جلب سان سنگت ٿي ۽ پوءِ گهري ياري،ڇو جو ٻنهي جو ڀاڳ ڦٽل هو.ٻئي گهر مان تڙيل هئاسين ٻنهي جو اهڙو نصيب هو تہ لڳو تہ لڳو نہ تہ قاتل وڳو.
هڪ منجهند اڏي تي بينو هئس هوائي روزي بہ نہ لڳي هئي بڪ بہ اچي لڳي پئسا بہ ايترا ڪونہ هئا جو ماني وٺي کاوان گهر بہ وڏي پند تي هيو.اوچتو ياد آيو تہ کيسي ۾ بہ روپيا هئا.جيڪي ڪالهوڪي حساب ڪتاب مان وڏي ياءُ ڪان بچائي ويو هئس.گڏھ جي لگام جي مهار گاڏي جي ڦيٽي سان ٻڌيرسان واري دڪان تان ٻن روپين جا ڦڪا پڳڙا ٻني آيس.جلب بہ گاڏو آڻي پرسان بيهاريو.کيسي مان پڳڙا ڪڍي مون ڪائڻ شروع ڪيا،جلب بہ چيچ نڪ ڏي وڌائي ڇڏي جيتري تيزيءَ سان پڳڙا ڪائي رهيو هُيس اوتري تيزيءَ سان جلب بہ وڏو ڏاڙيل هيو

مسجد مان جتيون چورائڻ ۾ جهڙس تجربو شل ڪنهن شاهينگ ڪي هجي ٻه چار دفعا پڪڙي جو پيو ته ساڳيا پيرن وارو پادر متي تي لڳا هيس. پوءُ ڪيس يقين اچي ويو ته ڪڏهن پادر ڪي ٻه وار ايندو آهي.

پٽس هنجي روز روز جي ڪارنامن کان تنگ اچي ڪيس گڏهه گاڏو وٺي ڏنو.پوءِ جلب هو ۽ مزدوري جو اڏو.

منهنجا ٻه حال احوال ساڳياوڏي ياءُ اگهاڙي منهن تي پوندا ڏئي ڏئي منهنجو نڪ نٽيڙو ڪري ڇڏيو هو ڪڏهن عيد برات تي پلجي آئينو ڏسندو هئس ته وڏي ياءُ جو پوندبو منهن تي چاپيل ڏسڻ ۾ ايندو هو وڏي ياءُ لاءِ مان اتي تي چٽي هئس مون مان تنگ ٿي منيهن جي وڙي تي بيهاري آيو.واڙي جو مالڪ ٻه قرآن جو پٽيل هومينهن جي گاهه_ڪتر_ٻڌ،چوڙ،چيٽا پاٽي ۽ واڙي جي صفائيته پهرين ڏڪ ۾ ڪرائي وٺندو هوپر ڪو وقت بچيو ته گهر جو ڪم ڪار ڪرائي وٺندو هو ۽ ڏيندو ڪل پنج سوَ مهينو هو.ٻئي مهيني ۾ پڄي آيو مانسپوءِ وڏي ياءُ هڪ مال جي ڊاتسن تي بيهاريو

ڊاتسن جو مالڪ پگهار بند پتو چالون وارو سستم هلائيندو هوڊاتسن جي صفائي ۽ ڪرايو مان اڳاڙيندو هيس،بس مڙئي ڪم هلي پيو

هڪ ڏينهن هڪ ٻڳائي واپاريءَ جي وچير ڪنيون وجون پيا.هن واپاريءَ جون مُڇون اهڙيون وٽيل هيون جڻ تارازي،مظبوط ٻه اهڙيون جو ٻارَ بينگهو ٻڌي لڏن.

مون تي نظر پيس ته چيائين”چا حال اٿئي“ڪاري ڪئل“!مون ٻه نه ڪئي هم نه تم چيو مانس اها مڇن واري تارازي ڏي ته مان پنهجا فلاٽان توريان.؛

سمجهي ويو ته آڏو ٻه ڪو ڪڙپيل آهي،ان مهل ته بس ڪيائين پوءُ ته منهنجو نالو ڪري ڪوئل مشهور ڪري ڇڏيائين.جتن ٿپان ٿاجائي ماڻهو”ڪاري ڪوئل“چئي پيا چيڙائن.۽مان ٻه گهٽ نه هئس ٻئي پوندا ڏيندو هيو مان!بس وڏي ياءُ جي پوندن جا پلءَ ماڻهن مان وٺندو هيس.

.................................................

سان هو نڪ مان پگڙن جهڙا ڪڍي رهيو هو.منهنجي پيٽ ۾ پئي ڪتا ڊوڙيا منهنجي نظر جلب تي ڪتي پئي پوي.

پر جڏهن آخري داٽا چباڙي رهيو هيس.ته ڏنم ته جلب چا ڪري رهيو هو.پوءِ ته ٿوتو ڪري پگڙا ڪڍي ڇڏيم جلب ڪي دنگو ملي ويو پوءِ ته چيڙهه ناهي ڇڏيائين.

ائين هلندي هلندي ڀ مهينا گذري ويا.هڪڙي ڏينهن مان ۽ جلب وڏيري جي ڪٽي ڪٽي ويا هئاسين .
وڏيرو هو يا مئل گڏھ! رڳو ڏپ ئي ڏپ هيس !جلب جي ڳالهائڻ تي مونکي کل آئي.
وڏيري جي اوطاق ڪان پري نڪري آيا سين تہ مون وارو اڌمئو گڏھ سهڪي سهڪي پٽ تي ڪري پيو. ڀ ٽي رڳهون هٽي اتاريومانس،اڏي تي پهچي مون گڏھ لاءِ داٽو ورتو .ٻتڪڙو گهر ڪاهي آيو مانس،گڏھ کي چڙي داٽو آڏو رکي مان گهر مان ٻاهر نڪري آيس ڪلاڪ ڀ هيڏي هوڏي گهمي ڦري وري گهر آرام ڪرڻ لاءِ ويس،
گهر جو در مس ٽپيم تہ وڏي ياءُ ڪٽ تان اٿي گسڪائي پوندو ڏنو،چوڻ لڳو.
گڏھ کي ماري ڇڏيءُ هاٽي اهو داٽو سپاٽي پاڻ ڪائجان!
مون گڏھ ڏي نهاريو گڏھ مون وانگر ٽنگان ٽيري ننڊ پيو هو
نياڳا خبر اٿئي تہ تيرهون مهينوآهي.ڪتا ڀ پلال تا ڪائن صفا بڌهو آهين!هاٽي پئسا ڪتا ايندا جوٻيو گڏھ وني ڏيانءِ.
وڏي ياءُ ٻيو ڀ ڪَسَتَ مان پوندو گسائي منهنجي اگهاڙي منهن تي ڏنو.
مهنجو نڪ اجان ڀ گسي ويو.
اگهاڙي منهن تي تہ پوندا نہ ڏيندو ڪر!
نہ تہ تنهنجي منهن تي بخمل رکي پوءِ تو پوندا ڏيانءِڪاري ڪوئل منهجي منهن تي پوندو چنبڙي پيو،هاٽي وچ ۾ ڦتي ڪري اچيس.ڪري نہ وجهي ڏپ ئي ڏپ !وڏي ياءُ کي ڪير سمجهائي مونکي تہ خبر آهي تہ بڌهو آهي ڪتا ڀ پلال تا ڪائن تيرنهون مهينو آهي پر گڏھ کي ڪهڙي خبر تہ تيرهين مهيني ۾ ناهي مربو.............